# نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي ڀٽو



# ټالي ماتر آزادي

# نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي ڀٽو

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٨٩ع

مصنف



ذوالفقار علي ڀٽو

پهريون سنڌي ڇاپو   جنوري ١٩٧٥ع   تعداد ٢٠٠٠
ٻيو سنڌي ڇاپو   جون ١٩٨٩ع   تعداد ٢٠٠٠

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

[ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسينيءَ هن ڪتاب جي پهرين ٻن بابن جو سنڌي ترجمو ڪيو ۽ باقي سموري ڪتاب جي ترجمي ۽ پروف ريڊنگ جو ڪم مسٽر سومار علي سومري سرانجام ڏنو — ادارو]

سرورق: اسلم ڪمال، لاهور

قيمت: پنجاهه رپيا
[Price: Rs. 50-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچايو يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقي، سيڪريٽري / ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي شايع ڪيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

پاڪستان جي خودمختيار عوام جي نالي

## ناشر طرفان

The Myth of Independence جو سنڌي ترجمو جنوري ١٩٧٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو هو. ٻه هزار ڪاپيون سال اندر خريد ٿي ويون. اُن بعد هن ڪتاب جي مسلسل تقاضا ٿيندي رهي پر ڪن مجبورين سبب ادارو اُن کي پيهر شايع ڪري نه سگهيو.

هاڻي حالتون سازگار ٿيون آهن ته ٻيو ڇاپو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو
سومر ١٢ جون ١٩٨٩ع

# شڪر ادائي

جناب جي. اي. رحيم، جنهن ڏيان سان هن ڪتاب جي مسودي کي پڙهيو ۽ جيڪي قيمتي تجويزون ڏنيون، تنهن لاءِ سندس شڪريو ادا ڪري، هن ڪتاب ۾ جيڪي لکيو اٿم، تنهن جي سڄي ذميداري کڻڻ کان اڳ پاڻ کي اڄو نتو ڪريان.

اڳ هنن جو پڻ شڪرگذار آهيان: هميش هئملٽن هارپر ۽ ائنڊ رَوَ، جن مون کي جان. ايف. ڪينيڊيءَ جي "دي اسٽرئٽيجي آف پيس" مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ جوناٿن ڪيپ لميٽيڊ ۽ ڪرٽس براؤن لميٽيڊ، جن بيورلي نڪلس جي "وردڪٽ آن انڊيا" مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ چيٽو ائنڊ ونڊس لميٽيڊ ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس انڪ، جن مون کي اين. سي. چوڌريءَ جي "دي ڪانٽيننٽ آف سرسي" مان اقتباس نقل ڪرڻ جي اجازت ڏني.

پهچائڻ يا انصاف جي اصولن جي خلاف ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان تڪرارن جو نبيرو ڪرڻ هجي، جيڪي قومي سلامتيءَ بلڪ خود قومي بقا جي بيخ ۽ بنياد تي وار ڪن ٿا، تن کان بچاءُ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن آءٌ ڪن پاليسين جي پاڻ تي ذميداري کڻان ٿو ته ان سان گڏ هيءَ حقيقت به تسليم ڪريان ٿو ته جون 1966ع تائين، جڏهن مون وزيرخارجه جو عهدو ڇڏيو، مون انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ هر طرح سان ڪوشش ڪئي.

جيتوڻيڪ منهنجي دل گهڻوئي پئي چاهيو ته 1965ع واريءَ پاڪستان-هندستان جنگ ۽ ان کان پوءِ ٿيل تاشقند پڌرنامي جي ڪجهه وڌيڪ اپٽار ڪريان، پر پوءِ مون مختلف سببن جي ڪري انهن ۽ ٻين موضوعن تي بحث ڪرڻ جي معاملي کي مستقبل ۾ ڪنهن مناسب موقعي تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تاريخ جي انهيءَ باب متعلق حقيقت بيان ڪرڻ جو مرحلو اڃا اڳتي اچڻو آهي.

آءٌ تسليم ڪريان ٿو ته هيءُ ڪتاب تڙتڪڙ ۾ ۽ اهڙين حالتن هيٺ لکيو ويو آهي، جن تي منهنجو ڪو وس ڪونه آهي ۽ جڏهن وقت جي خلاف اهڙي ڊوڙ لڳي پيئي آهي، جيڪا پاڪستان کي انتهائي تيز رفتاريءَ سان هڪ اهڙي چوواٽي طرف ڇڪي وڃي رهي آهي، جتان هڪ کان سواءِ باقي سڀ واٽون تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيون آهن.

ڪراچي،
نومبر 1967ع.

ذوالفقار علي ڀٽو

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



# فهرست


ديباچو

| باب | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| پهريون | برابريءَ لاءِ جدوجهد | ١ |
| ٻيو | عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون | ١١ |
| ٽيون | ورهاڱي ۽ هندستان جي غيرجانبداريءَ ڏانهن آمريڪي رويو | ٤٩ |
| چوٿون | چين جي خلاف هندستان جي آمريڪا کان امداد وٺڻ | ٨١ |
| پنجون | آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد ۽ پاڪستان کان بي نيازي | ١١٣ |
| ڇهون | پاڪستان کي هندستان جي قيادت جي حلقي ۾ آڻڻ جي آمريڪي حڪمت عملي | ١٣٤ |
| ستون | آمريڪي شرطن تي هندستان سان اشتراڪ عمل | ١٥٧ |
| اٺون | آمريڪي مطالبا ۽ پاڪستان لاءِ ڪليل راهون | ١٦٩ |
| نائون | هند و پاڪ جنگ ۽ ان جا مثال | ١٩١ |
| ڏهون | پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات | ٢٠٧ |
| يارهون | ويٽ نام جي جنگ ۽ پاڪستان | ٢١٤ |
| ٻارهون | چين ۽ پاڪستان جا تعلقات | ٢٢٠ |
| تيرهون | يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات | ٢٢٦ |
| چوڏهون | ڪي نتيجا | ٢٤٢ |

| | | |
|---|---|---|
| پندرهون | ملڪ جو بهترين دفاع | ٢٥٠ |
| سورهون | اڳرائيءَ جي روڪٿام | ٢٥٤ |
| سترهون | وڏندڙ بحران جو مقابلو ڪيئن ڪجي | ٢٦٠ |
| ارڙهون | هندستان سان تنازعي جا بنياد | ٢٦٩ |
| اڻويهون | هندستان سان مقابلو | ٢٩٢ |
| ويهون | پڇاڙي | ٣٠٧ |

# نالي ماتر آزادي

ڪي پراڻين عادتن کي الوداع ڪرڻي پوندي. حقيقتاً تازن ظاهر ٿيل واقعن جي اثر کي ِتڏهن ِئي پرکي سگهبو، جڏهن هر وڏي واقعي کي جيڪو بين الاقوامي طاقتن جي ڏڦيل پڪڙيل مونجهاري واريءَ سياست جي ڪري ظاهر ٿيو ٿئي، ان جي صحيح مقام تان جانچبو. منهنجي ڳالهه تنهن ڪري لازمي طور تي آغاز کان شروع ٿيڻ کپي يعني برصغير جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ هنار جي ٽرد رائيش جي شڪست کان وٺي.

# باب ٻيو

## عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون

هي مهاڀاري لڙائيءَ جي پڇاڙيءَ کان هڪ نئين سياسي صورتحال پيدا ٿي آهي، ۽ جيڪا ڇاڪاڻ ته شايد ايتريقدر واضح آهي، جو ان کي صحيح پس منظر ۾ نه ڏٺو ويو آهي ۽ ان جي اثرن کي ڪڏهين به پوري طرح نه سمجهيو ويو آهي. ١٩٣٩ع تائين اهو چئي سگهجي ها ته وڏيون طاقتون هي هيون:

١. آمريڪا،
٢. برطانيا،
٣. فرانس،
٤. جرمني،
٥. روس،
٦. جپان،
٧. اٽلي.

اوڻيهين صديءَ ۾ ۽ ويندي ويهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين، پرڏيهي معاملن کي هلائڻ جو روايتي طريقو علائقائي معاهدن تي مبني هو، جنهن جو مقصد هو ننڍين قومن جي حمايت سان وڏين طاقتن جي گروهبندين جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ. انهيءَ تمام نازڪ توازن کي برقرار رکڻ سان ئي امن قائم رکيو ٿي ويو، ۽ امن تڏهن خطري ۾ پئجي ٿي ويو جڏهن توازن، اٽلي هڪ نه ٻئي ٽولي جي فائدي ۾ ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ننڍيون قومون مختلف سياسي سودبازين ۽ ڳانڍاپن جي ذريعي وڏين طاقتن جي پاليسي ۽ ڳانڍاپي تي اثرانداز ٿي سگهيون ٿي.

ڪيس وقت جي آواز مطابق پاڻ کي پيهر حالات سان ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خصوصاً يورپ جي سلسلي ۾ – ايشيا ۾ برطانيه جي فوجي ذميدارين ۾ ڪمي ڪرڻ جو فيصلو انهيءَ رخ ۾ هڪ قدم آهي.

ترقي پذير قومن کي عالمي طاقتن سان تعلقات مرتب ڪرڻ ۾ هميشه مشڪل ۽ پريشانيءَ جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. برخلاف ان جي، انهن لاءِ هيءَ ڳالهه مقابلتاً آسان آهي ته اهي پنهنجن باهمي مفادن جي بنيادن تي بيٺل حڪمت عملين کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏين ته جيئن عالمي طاقتن جي پيٽ ۾ انهن جي سودي ڪرڻ جي حيثيت بهتر ٿي سگهي ۽ هو پاڻ کي وڌيڪ مستحڪم پڻ ڪري سگهن. ترقي پذير قومن جي هيءَ مسلسل ڪوشش رهڻ گهرجي ته اهي باهمي تعاون ۾ اضافو ڪن، چاڪاڻ ته اهو تعاون برابريءَ جو تعلق هئڻ ڪري انهن قومن جي برادريءَ جي ڪنهن ميمبر جي انتهائي اهم مفادن کي نقصان پهچائڻ جي قابل ٿي نه هوندو آهي.

افريڪي ايشيائي استحڪام کي اقوام متحده جي اندر ۽ ٻاهر پختي ارادي سان وڌائڻ گهرجي. ان ۾ ٻي افريشيائي ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ ۾ ناڪامي ۽ خود اقوام متحده جي اندروني بحران جهڙيون ڪيئي ناڪاميون لازمي طور ٿينديون. آزاديءَ ۽ انصاف جي ايڏي همه گير تحريڪ جي مقابلي ۾ بيشمار رڪاوٽن جو اچڻ هڪ لازمي امر آهي، پر انهيءَ آزمائش کي اتحاد لاءِ ڪيل عزم کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ گهرجي، جو وقت گذرڻ سان پڪ ٿي پڪ ظهور ۾ ايندو. هڪ پيرو اقوام متحده جي مٿان مصيبت جا سال ٽري وڃن، ته اهو ادارو پنهنجي ابتدائي سالن وارن وعدن جي وفا ڪرڻ لاءِ هاڻي به ٽين دنيا جي ترقي پذير قومن لاءِ ترقيءَ ۽ سندن حفاظت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

واضح ٿي ويئي هجي ته دنيا جي بدليل سياسي حالات جي- جنهن ۾ ٽي عالمي طاقتون وجود ۾ اچي ويئون آهن، ۽ انسانن جي ذهنن تي قابو پائڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ هرهنڌ چڪتاڻ جاري آهي- تقاضا آهي ته ننڍين قومن جا سياستدان، جن جي هٿن ۾ سندن مائهن جي قسمت جي واڳ آهي، گهڻي هوشياري ۽ احتياط ڪن. انهن سياستدانن جي خارجه پاليسي جي اهتمام ۾ عالمي طاقتن جي طرف رويي جي انداز مان، ۽ خود انهن جي درميان استحڪام سان ئي آخرڪار هي طئي ٿيندو ته جن قومن جي رهنمائي انهن جي ذمه آهي، سي سياڻي جي دنيا ۾ پنهنجي آزادي ۽ خودداري قائم به رکي سگهنديون يا نه.

هڪ واحد ۽ ناقابل تقسيم اڪائيءَ ۾ نہ، بلڪ ٻن طاقتور مختلف قومن ۾ بيدار ڪيو، جن مان هرهڪ وٽ پنهنجو جدا مذهب هو، جدا ثقافت هئي، ۽ مختلف امنگون هيون.

نديءَ ڪنڌيءَ جي برطانوي فتح ڪان پوءِ، انگريزن ڏيڍ صديءَ ڪان وڌيڪ عرصي تائين ان کي ٻين طاقتن جي حريص نگاهن ڪان زبردست ڪوشش سان محفوظ رکيو. فرينچن ۽ پورچوگيزن ڪان علاوه، جن جي قبضي ۾ تمام ننڍا ٽڪرا هئا، نديءَ ڪنڌيءَ جو سڄو سامونڊي ڪنارو ٻين طاقتن لاءِ بلڪل بند ڪيو ويو. هڪ ٽيڙي تي هماليہ جبل آسمان سان ڇوٽيون گسائي رهيا هئا ۽ اهڙيءَ طرح ملڪ جي علحدگيءَ جي اهڙي اثرائتي ضمانت ڏئي رهيا هئا، جهڙي سهاساگر ڏيئي رهيا هئا. هماليہ جبلن جي هُن پار، جيڪي ٻہ روايتي ناتا قائم هئا، تن کي فاتحن ”تاج جي انتهائي منور هيري“ جي علحدگي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٽوڙي ڇڏيو. انگريزن هندستان کي اسرار ۽ وهم، عجيب و غريب اختلافن، مختلف مذهبن ۽ ويڙهو سردارن ۽ نوابن جي سر زمين طور ڏٺو. اهو، اڇي چمڙيءَ واري ماڻهوءَ لاءِ دنيا کي مهذب بنائڻ جي سندس مهم ۾ سڀني کان وڌيڪ ڳرو بار هو. انگريز قوم ٻين ٻيٺڪي طاقتن کي ختم ڪرڻ کان پوءِ انسان سازيءَ جي نيڪ مهم کي پوري ڪرڻ لاءِ اڪيلي سر قدم وڌايو. سنہ 1857ع واريءَ جنگ جو نتيجو، جنهن کي ”هندستاني بغاوت“ جو نالو ڏنو ويو، ماڻهن جي جذبي کي انتهائي وحشيانہ نموني سان دٻائڻ جي صورت ۾ نڪتو. ان جون جوابي ڪارروايون ۽ سزائون ايتريقدر سخت هيون، جو سامراجي برطانيہ جي اختياريءَ واري پڙواني ۾، ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين ڪنهن ٻہ عوامي بغاوت سان ڪو خلل پيدا نہ ٿيو. برطانوي تسلط جي خلاف، ٻي حقيقي عوامي بغاوت، خلافت هلچل ئي هئي. انهيءَ اسلامي تحريڪ کي مسٽر گانڌيءَ ڏاڍي هوشياريءَ

مملڪتون موجود هجن ها. ان وقت انگريزن لاءِ انتخاب، هندستان کي هڪ متحد ملڪ جي حيثيت ۾ ڇڏي وڃڻ يا ان کي ٻن ملڪن جي صورت ۾ ورهايل ڇڏي وڃڻ جي درميان نه، بلڪ هندستان کي ٻن قومن جي حيثيت ۾ ورهائي ڇڏڻ يا ان کي ٽڪرا ٽڪرا ٿي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن پنجن مملڪتن ۾ ورهائجي وڃڻ لاءِ ڇڏي وڃڻ ۾ هو. پاڪستان جي تخليق، هندستاني قوميت جي نمايان صورت اختيار ڪرڻ جي عمل ۾ مدد ڏني آهي. جيڪڏهن هندستان ۾ پاڪستان جي خلاف نفرت ڦهليل نه هجي ها، ته هندستان لاءِ ان جي مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ صوبن کي هڪٻئي کان ڇڇي ڌار ٿيڻ کان روڪڻ انتهائي دشوار ڪم ٿئي ها. هاڻي به صورت اها آهي ته پاڪستان جي خلاف بغض هئڻ جي باوجود هندستان پنهنجي غير معمولي اتحاد کي ڏاڍي مشڪل سان ۽ مس مس قائم رکي سگهيو آهي. اها وڏي اهميت واري ڳالهه آهي، جنهن کي انهن پرڏيهي طاقتن کي ياد رکڻ گهرجي، جيڪي پاڪستان ۽ هندستان جي درميان اڻراڻتو پرچاءُ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. "ڪميونسٽ خطري" کي وڌيڪ اڻراڻتي نموني ۾ منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ناقابلِ تقسيم ننڍي کنڊ کي وجود ۾ آڻڻ بدران، ممڪن آهي ته ان جا ٽڪرا هر طرف پکڙجي ڪن عالمي طاقتن جي مقصدن کي برباد ڪري ڇڏين. صاف لفظن ۾ ان جو مطلب هيءُ آهي ته پاڪستان کي جذب ڪرڻ جي ڪوشش، موجوده هندستان جي هيڪڙائيءَ جي انت آڻڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اهڙي انتشار مان اهي سڀ تباهڪن نتيجا نڪري سگهن ٿا، جن کان مغرب پاڪستان کي هندستان سان ڪنفيڊريشن بنائڻ تي مجبور ڪرڻ سان بچڻ چاهي ٿو.

اهي ماڻهو جيڪي پاڪستان جي اصلي روح کي نه ٿا سمجهن ۽ جن جو قوميت جو تصور رسمي علائقائي سببن تي

جو وهي ڪاتو بند ڪري رهيو هو. آمريڪا جو هندستان جي صورتحال سان ڪو واضح ۽ سنئون سڌو تعلق ڪو نہ هو. اها ان جي باري ۾ معلومات ۽ مشوري لاءِ گهڻي ڀاڱي برطانيہ تي آسرو رکندي آئي. اها حقيقت آهي تہ آمريڪا هندستان کي آزاد ڏسڻ جي خواهشمند هئي ۽ ڪن موقعن تي تہ، هندستان جي آزاديءَ جو جلد اعلان ڪرڻ جي مطالبن سان برطانيہ کي چيڙائي بہ ڇڏيندي هئي. اهو چوڻ درست ڪو نہ ٿيندو تہ آمريڪا ورهاڱي جي مخالف هئي، پر اهو يقيناً چئي سگهبو تہ آمريڪا متحده هندستان کي ترجيح ڏيئي رهي هئي ۽ انڪري ان جي ڪانگريس جي متحده هندستان جي مطالبي سان همدردي هئي. آمريڪا، خطرن جي انهن برطانوي تخمينن سان بہ متفق هئي، جيڪي ان ورهايل هندستان جي ڪري مغرب جي مفادن کي لاحق ٿيڻ بابت لڳايا هئا. پر آمريڪا هندستان جي سياسي صورتحال جي تفصيلن ۽ باريڪين کان ايتري واقف ڪا نہ هئي، جو اها ورهاڱي بابت ڪو بہ واضح موقف اختيار ڪري سگهي. ان جي باوجود، آمريڪا انهيءَ ملڪ جي سياسي ۽ جاگرافيائي اهميت کان خوب واقف هئي، ۽ اها چين ۽ هندستان کي مغرب جي ٻن مضبوط قلعن جي حيثيت ۾ ترقي ڪندي ڏسڻ جي توقع بہ رکي رهي هئي.

1940ع واري ڏهاڪي وارن اوائلي ۽ درمياني سالن جي دوران ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جي اڳواڻن کي ڪيئي تجويزون پيش ڪيون ويئون ۽ نيٺ سنہ 1941ع جي 21- جولاءِ تي اعلان ڪيو ويو تہ آمريڪا ۽ هندستان جي درميان نمائندن جو تبادلو ڪيو ويندو. ڊسمبر سنہ 1941ع ۾ جڏهن مسٽر چرچل واشنگٽن ويو، تڏهن مسٽر روزويلٽ هن سان هندستاني مسئلي تي ڊگهيون ڳالهيون ڪيون. ان کان پوءِ سنہ 1942ع جي فيبروري مهيني جي آخر ۾، صدر

”سون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن هندستاني ليڊرن انهيءَ عالي ظرفيءَ جو مظاهرو ڪيو، جنهن جو هيءَ موقعو تقاضا ڪري ٿو تہ اهي برطانوي ڪئبينيٽ مشن جي طرفان گذريل بهار واري موسم ۾ پيش ڪيل دستوري مسودي ۾ ڏنل انهن صاف ۽ واضح دفعات جي بنيادن تي ترقيءَ جي ميدان ۾ گڏجي اڳتي وڌي سگهن ٿا، جن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ هڪ هندستاني وفاقي يونين قائم ڪئي وڃي، جنهن ۾ آباديءَ جي سڀني عناصر لاءِ سندن جائز سياسي ۽ اقتصادي امنگن جي حصول لاءِ ڪافي گنجائش هجي.“ (1)

هندستان ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان ڪجهہ مهينا اڳ ”ٽرومين نظريي“ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ 21 جون 1947ع تي ’مارشل پلان‘ ظاهر ڪيو ويو، جنهن جو مقصد مغربي يورپ جي قومن کي سوويت يونين جي خطري جي خلاف سهارو ڏيڻ هو. آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جو هيءُ وڏو مقصد، تہ ڪميونزم جي واڌ جي روڪٿام ڪئي وڃي، هاڻي هڪ صاف ۽ واضح صورت اختيار ڪري بيٺو هو. ٽرومين جو اصول يونان ۽ ترڪيءَ کي سوويت يونين جي دخل اندازي ۽ داخلي ڪميونسٽ تخريب ڪاريءَ جي خلاف مدد ڏيڻ لاءِ ترتيب ڏنو ويو هو. مارشل پلان کي مغربي يورپ ۾ ڪميونزم کي روڪڻ لاءِ تخليق ڪيو ويو هو ۽ سن 1949ع ۾ اتر ائٽلانٽڪ ٺاهہ جي تنظيم (ناٽو) سوويت يونين جي فوجي خطرن کان اولهہ يورپ کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي ويئي. سوويت يونين جي خلاف سخت ۽ شديد صف آرائيءَ جي انهيءَ دؤر ۾ مسٽر رچرڊ. پي. اسٽيفنس لکيو: ”ننڍي کنڊ جي ٻن باهمي مخالف قومن جي درميان

---

(1) ”انڊين انئيوئل رجسٽر“ 1946، ج-2، ص-88.

چين کي، جيڪو آمريڪا جي ايشيائي پاليسيءَ جو پيو ٿنڀ هو، ڪميونسٽ انقلاب پهرين آڪٽوبر سن 1949ع تي ان وقت هٿان ڇڏيو، جڏهن مائوزي تنگ فتح حاصل ڪئي. انهيءَ واقعي جو هندستان تي زوردار اثر ٿيو، جيڪو چين ۾ آيل تبديلين جي نتيجي ۾ عالمي سياست ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خود مختاريءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. هندستان، چين، سوويت يونين ۽ آمريڪا جي درميان هڪ متوازن پاليسي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو، پر آمريڪا انهيءَ جي هيءَ تشريح ڪئي ته اها سندس مفادن جي خلاف، چين ۽ سوويت يونين جي عالمي مقصدن جي فائدي ۾ آهي. 17- آڪٽوبر سن 1949ع تي وزيراعظم نهروءَ اعلان ڪيو ته:

”هيءَ ڳالهه ائنڊ هئي ته هو (هندستان) پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ تي روشن خيال ذاتي مفاد جي روشنيءَ ۾ غور و فڪر ڪري، پر هن ساڳي وقت تي انهيءَ پاليسيءَ تي پنهنجو هڪ اعليٰ نظرياتي رنگ به چاڙهيو آهي. اهڙيءَ طرح هن پنهنجن اوچن آدرشن کي قومي مفاد سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ پاليسيءَ جا مکيه مقصد هي آهن ته امن جي جستجو، ڪنهن وڏي طاقت يا طاقتن جي گروهه سان گڏجي بيهڻ سان نه، پر هرهڪ اختلافي يا تڪراري مسئلي تي آزادانه غور و فڪر ۽ ڪوشش سان، ڪئي وڃي“ (1).

جيتوڻيڪ ڇهين ڏهاڪي جي وچ ڌاري، هيءَ ڳالهه خاصي حد تائين واضح ٿي چڪي هئي ته هندستان خود مختار ۽ غيرجانبداريءَ واري پرڏيهي پاليسيءَ تي هلڻ جو پختو ارادو ڪري چڪو آهي، ان جي باوجود آمريڪا بار بار جي مايوسين هوندي به هندستان ۾ پنهنجو اثر و رسوخ وڌائڻ جي ڪوشش ۾ برابر مصروف رهندي آئي. ڊسمبر سن 1950ع ۾،

(1) ڪارونڪرن، اڳي بيان ڪيل عنوان، ص- 39-238.

ته هندستان لاءِ مضبوط دفاعي صلاحيت جو هئڻ آزاد دنيا جي مفاد ۾ آهي، ۽ اسان انهيءَ اثرائتي طريقي جا مداح آهيون، جنهن سان توهان جي حڪومت اوهان جي فوجي شعبن جو انتظام هلايو آهي. جيڪڏهن اوهان جي حڪومت اهڙي فيصلي تي پهچي ته حالات ڪنهن اهڙي فوجي امداد جا طلبگار آهن، جيڪي اسان پنهي جي سلامتيءَ جي قانونن جي دائره ۾ اچي سگهن ٿا ته يقين ڪريو ته اوهان جي درخواست تي آءٌ نهايت همدرديءَ سان غور ڪندس. (1)

جيتوڻيڪ پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جي آمريڪي فيصلي هندستان ۾ شڪ شبها پيدا ڪيا، ان جي باوجود مسٽر نهرو غيرجانبدار رهڻ جي پاليسيءَ تيَ ڄميو رهيو ۽ پهرين مارچ سن 1954ع تي هن صدر آئزنهاور جي آڇ کي هيٺين لفظن ۾ ٺڪرائي ڇڏيو:

”توهان انهيءَ معاملي ۾ منهنجي حڪومت ۽ اسان جي عوام جي خيالن کان واقف آهيو. اهي خيال ۽ اها پاليسي، جنهن تي اسان انتهائي محتاط غور و خوض ڪرڻ کان پوءِ ڪاربند ٿيا آهيون، تنهن جو بنياد اسان جي امن ۽ آزاديءَ کي اڳتي وڌائڻ جي خواهش تي رکيل آهي. اسين انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪندا رهنداسون.“ (2)

انهيءَ ئي ڏينهن تي هندستان جي وزيراعظم آمريڪا جي پاڪستان کي ڏنل فوجي امداد تي سخت نڪته چيني ڪئي، ۽ ان کي هند و پاڪ معاملات ۾ ”مداخلت“ قرار ڏنو. هن چيو ته آمريڪا ايشيا تي ”تسلط“ قائم ڪرڻ چاهي ٿي ۽ اعلان ڪيو ته هن کان پوءِ هندستاني حڪومت ڪشمير ۾ آمريڪي مبصرن کي غيرجانبدارن طور تسليم ڪرڻ لاءِ

---

(1) ”ڪيسنگس ڪانٽيمپورري آرڪائيوز“ ج-9، 4-1952، ص-13461.
(2) ايضاً ص- 13462.

ميمبر ملڪن طرفان ڪي ٻه سؤ پنجاهه. اڏا "اهم جنگي هنڌن تي، جن مان اڪثر بلڪل ضروري آهن،" آمريڪي فوجن جي استعمال لاءِ مهيا ڪيا ويا آهن. صدر اصرار مان چيو ته :

"ڊالر جي مقابلي ۾ ڊالر ڳڻيندي اسين باهمي سلامتيءَ جي پروگرام تي خرچ ڪرڻ مان، پنهنجي لاءِ معقول فوجي حيثيت حاصل ڪري چڪا آهيون، پنهنجين فوجن تي ٿيل خرچ برداشت ڪرڻ بنسبت، گهٽي قدر وڌيڪ جنگي حفاظت خريد ڪري سگهون ٿا."

چڪيون هيون. يورپ بدلجي رهيو هو ۽ سوويت يونين ۾ پڻ تبديليون اچي رهيون هيون، ۽ دنيا ڊلس وارن جامد اصولن کان هٽي ڪئمپ ڊيوڊ جي جذبي طرف وڌي رهي هئي. اهي، ۽ ايشيا ۽ پين هندڏن تي رونما ٿيندڙ ڪي ٻيا حالات آمريڪا جي خارجه پاليسيءَ ۾ مڪمل تبديليءَ ۽ نظرثانيءَ جي تقاضا ڪري رهيا هئا. اهي تبديليون پاڪستان جي توقعات کان گهڻو اڳي رونما ٿيون. انهيءَ وقت جي حڪومت جيڪا اڳين حڪومتن جي مقابلي ۾ آمريڪا کي وڌيڪ ويجهي هئي، نفسياتي طور تي پنهنجو پاڻ کي انهن تبديلين جي مطابق بدلائڻ لاءِ تيار نه هئي، جيڪي جنگ کان بعد وارين آمريڪي پاليسين جي جمود مان پيدا ٿيون هيون.

انهيءَ تبديليءَ جي وسعت جو اندازو اقتصادي پيماني سان هن طرح لڳائي سگهجي ٿو ته 30- جون 1959ع يعني آزاديءَ کان ٻارهن سال پوءِ تائين، هندستان کي مليل آمريڪي اقتصادي امداد جو سرڪاري تخمينو هڪ ارب ساڍا ستر ڪروڙ ڊالر هو، جنهن مان ٽيانوي ڪروڙ ڊالر زرعي شين جي صورت ۾، ۽ ستر ڪروڙ چاليهه لک ڊالرن جي امداد ٻين صورتن ۾ ڏني ويئي. انهيءَ رقم جي ڀيٽ ۾، 1959ع کان 1963ع واري عرصي ۾ ان کي چئن ارب ڊالرن جي امداد ڏني ويئي.

مئي سن 1959ع ۾ سينيٽر وائلي سمٿ، جيڪو ان وقت ڏکڻ-اوڀر ايشيا جي دوري تان واپس موٽيو هو، خارجه تعلقات واري ڪاميٽيءَ اڳيان هيٺيون بيان ڏنو:

”نهروءَ ۽ ان جي قريبي صلاحڪارن سان ڳالهائڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ هن ڳالهه جي متعلق ڪو به شڪ ڪونهي ته انهن کي سرخ چينين ۽ سرحدن تي سندن ڪاررواين جي باري ۾ ڪجهه قدر فڪرمندي هئي... آمريڪا جي نقطهِ نظر کان اها هڪ اميد ڀري علامت آهي ته هندستان

جي حڪومت سرخ چين جي ڪارروائين، ڪان ڪجھ قدر تشويش ۾ آهي، ۽ جيئن ڪن ليڊرن طرفان مون کي سمجهايو ويو، ان کي هن ڳالھ جو احساس آهي تہ سرخ چين هڪ سطلق نظام جي تحت صنعتڪاريءَ ۾ وڏي پيشقدمي ڪئي آهي، جڏهن تہ هندستان جي ترقي هن ڪري سست رهي آهي، جو ان جو ارادو اهو ئي رهيو آهي تہ هو فقط جمهوري طور ۽ طريقن ۽ هندستاني قانون ساز اداري جي پوري موافقت سان ڪم ڪندو."

انهن سماعتن ۾ شايد پهريون ڀيرو پاڪستان کسي سلسلہ فوجي امداد تي نڪتہ چيني ڪئي ويئي، جيتوڻيڪ آخري ڳالھ اهائي طئي ٿي تہ امداد پنجن سالن لاءِ ساڳيءَ سطح تي جاري رکي وڃي. پر هندستان کي چين جي خلاف مضبوط بنائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو. آمريڪي سينيٽ جي تعلقاتِ خارجہ ڪاميٽيءَ طرفان آگسٽ 1959ع ۾ مرتب ڪيل دستاويز بعنوان "آمريڪي پرڏيهي پاليسي" ۾ هيٺ ذڪر ڪيل مقصد واضح ڪيا ويا:

1- ايشيا جي ترقي پذير ملڪن ۾ تعاون جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ ٻہ-طرفي امداد جو استعمال.

2- آمريڪا جي فوجي، سياسي ۽ اقتصادي مقصدن جي حوالہ سان ايشيا ۾ مقامي فوجي طاقتن ۽ آمريڪي اڏن جي ڪارڪردگيءَ جو نئين سر جائزو وٺڻ.

3- ڪميونزم جي خلاف علاقائي يڪجهتيءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ واسطيدار ملڪن جي شموليت. هندستان ۽ پاڪستان جو ذڪر انهيءَ باري ۾ خاص طور ڪيو ويو.

جڏهن آمريڪي پاليسين ۾ تبديلين جي تشڪيل ٿي رهي هئي، تڏهن آمريڪي نقاد پهريون ڀيرو معاهدن جي نظام ۽ انهن ۾ پاڪستان جي شموليت جي خلاف تنقيد ڪري رهيا هئا. "يونائيٽيڊ اسٽيٽس اِن ورلڊ افيئرس 1959ع" ۾

ڪامياب هو. اسوان بند جي معاملي ۾ انڪار، بغداد پئڪٽ جو تصور، جيڪو هن جو پنهنجو هو، ۽ آئزنهاور جو نظريو، جنهن کي درحقيقت هر ملڪ ۾ رد ڪيو ويو هو — منهنجي خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون وچ اوڀر ۾ مسٽر ڊلس جون ناخوشگوار يادگيريون آهن.(1)

بهرحال 1959ع ۾ لداخ واري چيني- هندستاني تصادم کان اڳ، سينيٽر ڪينيڊي پاڪستان جي ناراضگيءَ جي قيمت تي هندستان کي مدد ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. انهيءَ ڳالهه جو ثبوت هن جي 25- مارچ 1959ع واري سينيٽ جي اڳيان ڪيل تقرير مان ملي ٿو:

”پاڪستان سان اسان جي خصوصي ۽ قيمتي حليفانه لاڳاپن ۽ فوجي معاهدن جي هئڻ ڪري اسان لاءِ اهو ممڪن ناهي ته اسين هندستان لاءِ بين الاقوامي سطح تي اهڙي ڪوشش ڪريون. سون پاڻ ڪجهه وقت تائين اهڙي پروگرام ترتيب ڏيڻ جي امڪان جي جستجو ڪئي آهي، جيڪو هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي جون مشترڪ طور ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

”آءٌ نهايت افسوس سان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته پاڪستان ۽ هندستان جي درميان موجوده سياسي ويڇا انهيءَ قسم جي پروگرام جي اجازت نه ٿا ڏين...... هندستان ۽ پاڪستان جي درميان انتخاب ڪرڻ جو سوال ناهي. اسان جي ذميداري ٻنهي مان هرهڪ کي سندس بنيادي تعميري رٿائن ۾ مدد ڪرڻ آهي. مون کي اميد آهي ته هاڻي اهو وقت گهڻو پري ناهي، جڏهن پاڪستان جي اقتصادي ترقيءَ ۽

(2) جان. ايف. ڪينيڊي، ”دي اسٽرئٽيجي آف پيس“ 1960، ص- 219.

فوجي معاهدن جي متعلق، هن 9- فيبروري 1959ع تي دوباره زور ڏيندي چيو ته:

”اهي جنادار حل مهيا نه ٿا ڪن. ان جي ابتڙ، اهي وچ-اوڀر ۾ خطرناڪ حد تائين ويڇا وجهن ٿا. اسان کي ڪن خاص حڪومتن سان وابسته ڪن ٿا ۽ گهڻو ڪري اسان کي اتان جي اهم قوم پرستيءَ وارين تحريڪن کان الڳ ڪري ڇڏين ٿا. غير حليف قومن کي مغرب سان اتحاد ڪرڻ يا بين الاقوامي ڪميونزم آڏو هٿيارن ڦٽي ڪرڻ جي درميان انتخاب لاءِ مجبور ڪرڻ سان دراصل ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي. حقيقت ته اها آهي ته گهڻن هنڌن تي انهيءَ قسم جي انتخاب تي زور نه ڏيڻ ئي اسان جي مفاد ۾ آهي، خاص طرح جيڪڏهن اهڙي انتخاب سان قوم جون قوتون حقيقي اقتصادي ترقي ۽ معاشياتي پرواز جي پروگرامن ۾ مشغول رهڻ بدران، بين رخن ڏانهن لاڙو ڪائڻ لڳن.“ (1)

14- جون سن 1960ع تي سينيٽر ڪينيڊيءَ آئزنهاور حڪومت جي پاليسين تي هنن لفظن ۾ حملو ڪيو:

”يقيناً، اسان وٽ سن 1960ع ۾ خارجه پاليسيءَ جا اڪثر روايتي هٿيار موجود آهن: اسان وٽ بچاءَ جو هڪ محڪمه آهي، هڪ غيرملڪي امداد جو پروگرام آهي، مغربي دنيا سان اتحاد جو هڪ ڄاهه آهي، هٿيارن کي گهٽائڻ جي هڪ ڪاميٽي آهي، اطلاعاتي سروس آهي، خفيه ڪارروائي جو هڪ شعبو آهي، ۽ قومي سلامتيءَ جي هڪ ڪائونسل آهي. پر اسان پنهنجي بدلجندڙ عالمي حيثيت جي روشنيءَ ۾ انهن اوزارن جو نئين سر تخمينو لڳائڻ ۽ انهن جي قدرن کي متعين ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. اسان انهن هٿيارن کي هڪ اهڙي دور رس ۽ مربوط حڪمت عمليءَ جي تشڪيل ڪرڻ ۾، جيڪا سوويت يونين جي عالمي تسلط جي پختي

---

(1) جان. ايف. ڪينيڊي ”دي اسٽرئٽيجي آف پيس“ ص- 122.

ارادي جو مقابلو ڪري سگهي- هڪ اهڙو پروگرام، جيڪو هوشياريءَ سان فوجي قوت، سياسي تخريبڪاريءَ، اقتصادي دخل اندازيءَ ۽ نظرياتي فتح جي مختلف هٿيارن کي وڏي ڪاريگريءَ سان ملائي استعمال ڪري ٿو. اسان کي جزوي پروگرامن، متروڪ حڪمت عملين ۽ بي معنيٰ نعرن تي پاڙڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوي ٿو. اسان وٽ جرمنيءَ جي مونجهاري کي ٽوڙڻ، هٿيارن تي قابو حاصل ڪرڻ جي مسئلي واري مونجهاري، برلن واري معاملي جي مونجهاري ۽ چين جي مونجهارن سان پار پوڻ لاءِ ڪي به نوان نظريا ڪين آهن. اسان وٽ پنهنجي شاندار حڪمت عمليءَ طور فقط هٿيارن جي ڊوڙ ۽ سرد جنگ جا هٿيار آهن......

"انڪري اسان کي هن فضول بحث کي ترڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي ته ڪير خروشچوف جو مقابلو بهترين نموني سان ڪري سگهي ٿو، يا "سخت" طرز عمل کي ترجيح ڏني وڃي، يا "نرم" کي. اسان جو فرض اهو آهي ته اسان روسين کي اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ، ته وقت ۽ تاريخ جو دارو مدار ان موافق ناهي، ته عالمي قوت جو توازن انهن جي طرف ڏانهن منتقل ڪونه ٿي رهيو آهي، پنهنجي ۽ آزاد دنيا جي طاقت جي نئين سر تعمير ڪريون- ۽ انهيءَ سبب ڪري هڪٻئي جي بقا لاءِ پرامن تصفيه هڪ لازمي امر آهي. اسان جو ڪم اهو آهي ته اسين هڪ اهڙي قومي حڪمت عملي ترتيب ڏيون، جنهن جو بنياد سوويت يونين طرفان پيدا ڪيل بحرانن لاءِ آخري گهڙيءَ ۾ تيار ڪيل جوابن تي نه رکيل هجي، پر اها احتياط سان تيار ڪيل ڊگهي عرصي جي پاليسين جو هڪ اهڙو مڪمل مجموعو هجي، جيڪو غير ڪميونسٽ ملڪن جي طاقت ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هجي."(1)

(1) جان. ايف. ڪينيڊي، "دي اسٽرئٽيجي آف پيس"، ص-8 ۽ 9.

حليف بنجڻ جو پابند ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي شرط نين آزاد ٿيل مملڪتن کي ضروري فوجي امداد ڏيڻ جي سلسلي ۾ موزون ڪين آهن.“ ان کان علاوه هن دعويٰ ڪئي ته هندستان پنهنجي پاڙيسريءَ جي مقابلي ۾ پنهنجين قابل انتظامي ۽ سياسي روايتن جي قوت سان وڌيڪ استحڪام حاصل ڪيو آهي ۽ هن هيءَ تجويز پيش ڪئي ته هندستان جي معاملي ۾ ”سڪيورٽي ائڪٽ“ جا چارئي شرط ختم ڪيا وڃن. هڪ طئي ٿيل پاليسيءَ کان اهڙو انحراف، امداد جي انهيءَ نئين فلسفي جي علامت هو، جيڪو خاص طرح سان هندستان جي ضرورتن کي سامهون رکي ٺاهيو ويو هو. انهن واقعن صدر ڪينيڊي ۽ صدر ايوب خان جي درميان هڪ ملاقات ضروري ڪري ڇڏي ۽ صدر ايوب خان جولاءِ سن 1961ع ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جي درميان اعتماد وارن تعلقات کي بحال ڪرڻ لاءِ نئين سر ڪوشش ڪرڻ خاطر آمريڪا ويو. جنهن محتاط انداز ۾ پاڪستان کي امداد جي آڇ ڪئي ويئي، تنهن کي صدر ايوب خان 9- جولاءِ سن 1961ع تي لنڊن ۾ هڪ ٽيليويزن انٽرويو ۾ هن طرح بيان ڪيو:

”هاڻي، هندستان جي معاملي ۾ آمريڪا پين امداد ڏيندڙ ملڪن کي به پنهنجي برابر امداد ڏيڻ تي راضي ڪرڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي. آمريڪا، پنهنجي معمول کان هٽي اهڙي وقت هندستان لاءِ پنهنجي طرفان هڪ ارب ڊالرن جو عطيو مخصوص ڪيو، جڏهن ته اڃا هندستان پنهنجي رٿا جي تشڪيل به پوري نه ڪئي هئي.

”اسان جي معاملي ۾ هرقسم جا اعتراض ڪيا ويا. انهن مان ڪي حقيقي هئا، پر ڪي منهنجي خيال ۾، مصنوعي ۽ بي حقيقت هئا- مطلب ته اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون ويئون، جيڪي ڪنهن ملاقاتيءَ کي ٽارڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن. صورت حال کي سمجهڻ جي ڪنهن به حقيقي

5ـ ڪنهن بہ مقرره پاليسي ۽ تي گامزن رهڻ کان سواءِ هو هڪ موقعہ پرست جو ڪردار ادا ڪري سگهي ها، ۽ جيڏانهن بہ هوا جو رخ ڦرندو ڏسي ها، تيڏانهن پنهنجي سياسي ٻيڙيءَ جو سڙهہ ڦيرائيندو رهي ها.

هتي آءٌ حڪومت پاڪستان لاءِ ڪليل انهن رستن جي خوبين ۽ خامين متعلق ڪجهہ بہ چوڻ نہ ٿو چاهيان.

## باب پنجون

# آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد ۽ پاڪستان کان بي نيازي

هندستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ آيل ڦيرو، ايشيا جي ٻين غيرجانبدار ملڪن جي نگاهن کان پوشيده نہ رهي سگهيو. انڊونيشيا، جيڪو ايشيا ۽ آفريڪا جي قومن جي صف ۾ هڪ اهم غيرجانبدار ملڪ هو، تنهن جي وزير خارجه ڊاڪٽر سوباندريو 26- جون سنہ 1963ع تي چيو هو تہ سندس ملڪ جي خارجه پاليسيءَ ۾ "هندستان جي خود غرضانہ ۽ سنگدلانہ طرزعمل" جي ڪري هڪ وڏي تبديلي آئي آهي. سلون جي پارليامينٽ جي هڪ ميمبر مسٽر سينانائڪي هندستان جي امڪاني حملي جي خطري کان پنهنجي ملڪ کي خبردار ڪيو، ۽ چيو تہ "هندستان، گانڌي مَتِ جي باوجود جنگي جهازن ۽ آبدوزن سميت آمريڪي هٿيارن گڏ ڪرڻ ذريعي، هڪ سامراجي طاقت بنجڻ لاءِ سڀڪجهہ ڪري رهيو آهي." هن وڌيڪ چيو تہ هندستان جو نشانو چين نہ، بلڪ سلون آهي. انهيءَ قسم جا بيان ٻين بہ گهڻن ئي آفرو ايشيائي ملڪن جي سرڪرده سياسي مدبرن طرفان ڏنا ويا، جن ۾ هندستان جي وڌندڙ فوجي طاقت ۽ ان جي غيرجانبداريءَ واري اصول کي ترڪ ڪرڻ جي آڌار تي خطري جو اظهار ڪيو ويو.

انهن انديشن جي باوجود، پنڊت نهروءَ مغربي طاقتن طرفان گڏيل هوائي مشقن ۽ فوجي ساز و سامان جي آڇ قبول ڪرڻ جو جواز پيش ڪندي 27- جولاءِ سنہ 1963ع تي هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ سندس ملڪ جي غيرجانبداري واري پاليسي ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو آهي. بهرحال، بعد ۾

”اهو سچ آهي ته اسان هندستان کي سنڀالي رکڻ چاهيون ٿا. ان تي سرءَ جي هلنڊڙ موسم ۾ ئي چين طرفان حملو ٿي سگهي ٿو. پوءِ اسين اهو نه ٿا چاهيون ته هندستان، جيڪو پنجاهه ڪروڙ انسانن جو ملڪ آهي، سو بيوس ٿي پوي. جيڪڏهن اهو ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو، ۽ شڪست کائي ويو ته اها ڳالهه بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، طاقت جي توازن تي هڪ انتهائي تباهڪن ضرب ثابت ٿيندي.

ٻئي طرف، اسين جيڪي ڪجهه هندستان کي ڏيئي رهيا آهيون، سو پاڪستان جي، جيڪو ان کان تمام ننڍو آهي، طاقت جي توازن کي بري طرح سان متاثر ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح اسان هڪ ڏاڍي پيچيده معاملي سان دوچار آهيون، ڇاڪاڻ ته ٻنهي جي درميان دشمني تمام گهري آهي. جارج بال جو دورو انهيءَ دشمنيءَ کي گهٽ ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. منهنجو خيال آهي ته اسان کي هن علائقي ۾ هڪ ڏاڍي ناقابل اطمينان صورتحال سان منهن ڏيڻو پوندو.(1)

ننڍي کنڊ ۾ طاقت جي توازن کي نظرانداز ڪندي ۽ پاڪستان سان مشوره ڪرڻ کان سواءِ، آمريڪا هندستان کي 1962ع ۾، ان جي چين سان ٿيل سرحدي ٽڪراءَ کان پوءِ وڏي پئماني تي فوجي امداد مهيا ڪئي، ۽ اها ڳالهه صدر ڪينيڊيءَ جي انهيءَ وعدي جي باوجود ڪئي وئي، جيڪو هن ڪجهه ئي عرصو اڳي صدر ايوب خان سان ڪيو هو ته اهڙي صورت ۾ پاڪستان سان مشورو ڪيو ويندو. پهريائين ته آمريڪي حڪومت هندستان کي ڊنل امداد کي جمون ۽ ڪشمير جي فيصلي سان مشروط ڪيو، پر جڏهن پنڊت نهروءَ ان معاملي ۾ جهڪڻ کان انڪار ڪيو،

(1) ڊان ڪراچي، 14- سيپٽمبر 1963.

تڏهن اهو شرط واپس ورتو ويو. پاڪستان جي حڪومت طرفان هنن انديشن جو اظهار بلڪل بي اثر ثابت ٿيو ته هندستان جي جنگي طاقت ۾ اضافي اچڻ سان پاڪستان جي سالميت لاءِ خطرو وڌي ويندو، ۽ ان سان هندستان ۽ چين جي درميان وڌيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي. صدر ڪينيڊيءَ جي صدارت واري دؤر ۾ هندستان جي دفاعي قوت کي وڌائڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا ويا:

(1) چيني- هندستاني سرحد تي جنگبنديءَ جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ، 18 کان 21 ڊسمبر سن 1961ع تي ناسائو ۾ آمريڪا ۽ برطانيا، هندستان لاءِ هنگامي بنيادن تي ٻارهن ڪروڙ ڊالرن جي فوجي امداد کي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ پروگرام ۾، قسم قسم جي فوجي ساز و سامان جي فراهمي شامل هئي، پر ان جي مرڪزي خصوصيت، فوج جي ڇهن ڊويزنن جي پهاڙي جنگ لاءِ هٿياربندي هئي.

(2) ناسائو واري فيصلي جي نتيجي ۾ هڪ آمريڪي برطانوي ۽ ڪئنيڊين هوائي مشن هن ڳالھ جي جائزي وٺڻ لاءِ هندستان جو دورو ڪيو ته جيڪڏهن چين ٻيهر حملو ڪري ته ان صورت ۾ هندستان جي هوائي فوج جون ضرورتون ڪهڙيون هونديون.

(3) هڪ ٻي آمريڪي مشن، هندستان جي هٿيارن ٺاهڻ جي صلاحيت کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جو تخمينو لڳائڻ لاءِ هندستان ويئي.

(4) 30- جون سن 1963ع تي بَرچ گروو ناَلي هڪ هنڌ تي آمريڪا ۽ برطانيہ فيصلو ڪيو ته ناسائو ۾ طئي ڪيل امداد کان علاوہ، هندستان کي وڌيڪ مضبوط بنيادن تي فوجي امداد ڏيڻ جو پروگرام بنايو وڃي. انهيءَ ڳالھ هندستان کي هن لائق بنائي ڇڏيو ته هو جلد از جلد پنهنجي مستقل فوج کي ٻارهن ڊويزنن کان ٻاويهن ڊويزنن تائين

گهٽ ۾ گهٽ سيٽو ۽ سينٽو جي ميمبرن جي برابر حقن ۽ رعايتن جو مستحق سمجهي ٿي. پر هندستان جي حالت ۾ سيٽي کان وڌيڪ اهم فرق اهو ڪيو ويو، ته ان کي هڪ غيرجانبدار ملڪ هئڻ جو ڏيکاءُ برقرار رکڻ جي اجازت ڏني ويئي ۽ ان کي انهن پريشان ڪندڙ ۽ خطري سان ڀريل ذميدارين کان آجو رکيو ويو، جيڪي معاهدن ۾ منسلڪ ٻين قومن کي ٻه-طرفن بنيادن تي پابند رکنديون آهن.

پهرين مارچ سن 1964ع تي آمريڪا جي انڊر سيڪريٽري جارج بال پاڪستان کي خبردار ڪيو ته "اسان کي ڪافي وڏي اميد آهي ته صدر ايوب خان سرخ چين سان پنهنجن تعلقات کي انهيءَ حد تائين اڳتي نه وڌائيندو، جو اسان جي ٻنهي قومن جي درميان جيڪي تعلقات ۽ معاهدا آهن، سي مجروح ٿين." هن وڌيڪ چيو ته "اهي (چين ۽ پاڪستان جا تعلقات) جنهن رويي جي عڪاسي ڪري رهيا آهن، تنهن جي متعلق اسان ڏاڍا فڪرمند آهيون. اسين انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍي احتياط سان مشاهدو ڪري رهيا آهيون"؛ ۽ هن اڳتي هلي وڌيڪ چيو:

"پاڪستان تي هيءَ ڳالهه بلڪل واضح آهي ته ان جو دشمن سوويت يونين آهي ۽ هو دراصل هڪ اهڙي معاهدي جو رڪن آهي، جنهن جو رخ ڪميونسٽ اڳرائيءَ جي خلاف آهي، ۽ مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن سرخ چين طرفان پاڪستان جي خلاف ڪوبه قدم کنيو ويو ته پاڪستان پنهنجو فوجي بچاءُ ڪندو. هن وقت تائين، سرخ چين سان سندس ڳالهين ۾ ان جي برعکس ڪوبه اشارو ڪونه ٿيو آهي، پر اسين انهيءَ تعلق جو ڏاڍي دلچسپيءَ سان مطالعو ڪري رهيا آهيون."

اپريل سن 1964ع ۾ فلپس ٽالبوٽ، جيڪو ويجهي اوڀر ۽ ڏکڻ-اوڀر ايشيا جي معاملن لاءِ انڊر سيڪريٽري هو،

ٿي ويل ثقافتي، مذهبي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي تنازعن ۽ تڪرارن کي نرم ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪئي وڃي(1).

مسٽر وليم. ايس. گُنڊ، آمريڪي امداد جي نائب ناظم وڏيڪ صاف گوئيءَ کان ڪم وٺندي هائوس ڪاميٽيءَ کي ٻڌايو ته "حالانڪ ڪشمير هڪ اهم مسئلو آهي، ان هوندي به اهو اسان لاءِ دنيا جي هن حصي ۾ ڪوئي انتهائي اهم مسئلو ڪونهي." 18- جون سن 1964ع تي، مسٽر ڊين رسڪ طرفان آمريڪا جي "هندستان جي اقتصادي ترقيءَ ۽ دفاعي ڪوششن ۾ آئينده سال پڻ مدد ڪرڻ جي موقف تي مضبوطيءَ سان قدم ڄمائي رکڻ" جي اهميت تي دوباره زور ڏنو ويو. سيڪريٽري آف اسٽيٽ پنهنجي انهيءَ بيان ۾ ڪن اهڙن "ڪليدي مسئلن وارن علائقن جو ذڪر ڪيو، جتي آمريڪي امداد هڪ اثرائتو عنصر آهي." انهن علائقن ۾ ذڪر ويٽنام، هندستان، برازيل، آمريڪا ۽ قبرص شامل هئا، مگر پاڪستان جو ڪو ذڪر ئي ڪونه هو.

هن خيال جو، ته ايشيائي طاقتن جي هڪ اهڙي ڪوئليشن هجي، جنهن ۾ هندستان چين جي طاقت جو مقابلو ڪندڙ مرڪزي طاقت هجي"، پيهر اظهار سيپٽمبر سن 1964ع ۾ ان موقعي تي ڪيو ويو، جڏهن سينيٽر هيوبرٽ همفريءَ نائب صدر جي عهدي لاءِ پنهنجي انتخابي مهم دوران ان جي حمايت ڪئي. هن جي نقطهٔ نظر مطابق، آمريڪا کي گهربو هو ته اها "ايشيا جو سياسي مستقبل ڊگهي مدت لاءِ طئي ڪري ڇڏي ۽ هندستان کي ايترو مضبوط بڻائي ڇڏي جو اهو دنيا جي هن خطهٔ جي اڳواڻي ڪري سگهي. جڏهن سن 1964ع جي آخري حصي ۾ عوامي جمهوريه چين پنهنجو پهريون ائٽم بم ڦاڙيو، تڏهن مسٽر چيسٽر پائولس

---

(1) ڊان، ڪراچي 11- اپريل سن 1964ع.

اجا وڏيڪ هٿيارن سان جهاز ڀري موڪلي به رهي آهي.
دراصل، آمريڪا هن وقت دنيا جي ٻين سڀني ملڪن جي مقابلي ۾ وڏيڪ ملڪن ڏانهن وڏيڪ هٿيار موڪلي ٿي.

”حقيقتون چرڪائيندڙ آهن: 1949ع کان وٺي جون 1966ع تائين، فقط هڪ آمريڪي حڪومت (خانگي هٿيارن وڪڻندڙن جو شمار نه ڪندي) 16- ارب 10- ڪروڙ ڊالرن جا هٿيار ٻين ملڪن کي فروخت ڪيا ۽ 30 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جا هٿيار مفت ڏنا. 46- ارب 30- ڪروڙ ڊالرن جي اها رقم، ساڳئي عرصي ۾ ٻين ملڪن کي آمريڪا جي طرفان ڏنل انهيءَ اقتصادي امداد ۽ قرضن جي رقم کان 4- ارب ڊالر وڏيڪ آهي، جيڪا 1948ع جي وچ کان وٺي ڏني ويئي آهي ۽ جنهن ۾ نمايان طور ڪامياب ٿيل ’مارشل پلان‘ (1) پڻ شامل آهي.“

آمريڪا هنن دليلن جي بنياد تي هٿيار ڏيڻ بند نه ٿي ڪري سگهي ته انهيءَ جي نتيجي ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جي ڊوڙ شروع ٿي ويندي، نه وري ڪنهن سنجيدگيءَ سان اها حجت پيش ڪري سگهجي ٿي ته پاڪستان لاءِ فوجي امداد بند ڪرڻ جو فيصلو، جنگ جي تدارڪ يا جنگ جي طرف وٺي وڃڻ واري هٿيارن جي ڊوڙ جي پيش بنديءَ خاطر ڪيو ويو آهي.

ترڪي ۽ يونان آمريڪا کان هٿيارن جي تمام وڏي امداد حاصل ڪن ٿا، ۽ اهي هڪ کان وڏيڪ ڀيرو قبرص جي مسئلي تي جنگ جي ڪناري تائين به پهچي چڪا آهن. ان هوندي به آمريڪا انهن ٻن ملڪن منجهان ڪنهن به هڪ جي فوجي امداد معطل نه ڪئي آهي. اهو فرق هن ڪري روا رکيو ويو آهي، جو هاڻي سرد جنگ جو مرڪز يورپ کان ايشيا ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي، جتي ڪميونزم

---

(1) انٽرنيشنل هيرالڊ ٽربيون، 22-23 جولاءِ 1967، ص-4.

آهن. اهڙين طاقتن جي مفادن ۽ سندن طرفان بيمارين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ابتدائي تضاد ٿيندو، جيڪي مداخلت کي دعوت ڏين ٿيون ۽ جيڪي غير ملڪي اثر و رسوخ کي وڌائڻ جون ذميدار هونديون آهن.

پوءِ پهرين ڪهڙي چيز آمريڪا جي تاريخي حيثيت ۾ اهڙي وڏي تبديلي پيدا ڪئي آهي؟ ننڍي کنڊ ۾ ڪو به اهڙو نمايان نئون عنصر موجود ڪونهي، جيڪو انهيءَ تبديليءَ جو باعث هجي. آمريڪا جي پنهنجي فوجي امداد سان وارد ٿيڻ کان ڪيئي سال اڳي ئي هندستان ۽ پاڪستان 1948ع ۾ جنگ ۾ مشغول هئا. انهن جي درميان هٿيارن جي ڊوڙ، انهيءَ وقت کان اڳي شروع ٿي چڪي هئي، جڏهن آمريڪا جي مداخلت ان کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو ۽ انهن ملڪن ۾ افلاس ته انهيءَ وقت کان گهڻو اڳي موجود هو، جڏهن آمريڪا انهن جي دفاعي خرچن جي رخ بدلائڻ جي ڪوشش انهن جي معاشي بيمارين جي علاج خاطر ڪئي. سي پراڻيون حالتون اڳي وانگر ئي قائم رهيون. البت، نوان عناصر ننڍي کنڊ کان ٻاهر ايريا آهن ۽ انهن جي انهيءَ ظهور ننڍي کنڊ جي انهن مسئلن کي، جيڪي اڳي ئي موجود هئا، هڪ مبالغہ آميز رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي باري ۾ هڪ نئين اهميت جو احساس پيدا ڪيو آهي. اهي خارجي عناصر، جن جي ڪري واشنگٽن ۾ هڪ عام نئين تشخيص وجود ۾ آئي آهي، سي ويٽ نام جي جنگ ۽ ايشيا ۾ چين جي وڌندڙ طاقت آهن. انهيءَ صورتحال کي گرفت ۾ رکڻ ضروري آهي، ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي تعاون کان سواءِ، اثرائتي انداز ۾ ائين ڪرڻ ممڪن ناهي.

اهي عناصر سن 1954ع ۾ موجود نہ هئا ۽ 1962ع ۾ انهن جي اها اهميت ڪانہ هئي، جيڪا اڄ آهي. پر ماضي قريب جي حالتن ڪري گهٽائي فيصلا ضروري ٿي

سان دلچسپي رکون ٿا. فوجي شعبي ۾ اسان جو مڪمل، ۽ اقتصاديات ۽ خوراڪ جي ضرورتن ۾ خاصو انحصار، آمريڪا تي رهيو آهي. سنڌو ماٿريءَ واري معاهده تي عمل درآمد کي به نظر هيٺ رکڻ ضروري آهي. پاڪستان تي دٻاءَ جي شدت، هندستان تي دٻاءَ جي مقابلي ۾ محض هن سبب ڪري گهڻي زياده هوندي، جو پاڪستان کان ٿيندڙ مطالبي جي سطح گهڻي قدر وڌيڪ اوچي آهي. دٻاءُ انهيءَ وقت تائين وڌندو ويندو، جيستائين اسين مزاحمت نه ڪريون يا وري نيازمنديءَ ۾ ڪنڌ جهڪايون. جيڪڏهن اسين ٻڳاسون ته اسان کي مرڻ گهڙيءَ تائين ٻجندوئي رهڻو پوندو. هندستان تي به دٻاءَ وڌندا رهندا، پر انهن جي شدت گهٽ هوندي، جيئن فوجي امداد کي روڪڻ جي فيصلي جي صورت ۾ هن کان اڳي ڏٺو ويو آهي. هيءُ فيصلو مڪمل طور پاڪستان جي خلاف رهيو. اهڙيءَ طرح هڪ ئي وقت ۾ پاڪستان تي شديد دٻاءُ، ۽ هندستان تي معتدل دٻاءُ وڌو ويندو، ۽ هاڻي جڏهن ته ويچ اوڀر ۾ جنگ آمريڪي حليف جي فتح سان ختم ٿي آهي، تڏهن آمريڪا پاڪستان ۽ هندستان تي اڃا به وڌيڪ دٻاءُ وجهندي. ٿوري وقفي کان پوءِ، جڏهن ويچ اوڀر ۾ سياسي صورتحال وڌيڪ صاف ٿي ويندي ۽ جنرل اسيمبلي هڪ وڌيڪ ٺهراءَ کي دفتر داخل ڪري چڪندي، تڏهن آمريڪا پنهنجن عالمي مقصدن خاطر، پنهنجو سڄو ساوو ڏيان ڦيرائي ننڍي کنڊ طرف ڪندي.

سن 1958ع ۾ آمريڪا، هندستان تي دٻاءُ وجهڻ جي پوزيشن ۾ ڪانه هئي، پر اها صورتحال هاڻي بدلجي چڪي آهي. هندستان ۾ ڦهليل عام بدنظمي ۽ ڏڪار جي ڏکائيندڙ حالتن سان ابتدائي دخل اندازين لاءِ فائدو ورتو ويو آهي. پاڪستان وانگر اتي به دٻاءُ اڳ ۾ اقتصادي ۽ مالي دائرن ۾ وڌو ويو ۽ ائين هن ڪري ڪيو ويو ته جيئن هندستان

مناسب آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ مفاهمت ننڍي ڪنڊ ۾ هڪ مشترڪه دلچسپيءَ جو علائقو متعين ڪري ڇڏيو آهي ۽ آمريڪا کي اميد آهي ته روس صورتحال جو ناجائز استحصال ڪرڻ کان باز رهندو.

(4) آمريڪا جو خيال آهي ته چين في الحال پنهنجن داخلي مسئلن ۾ ايتريقدر قابل آهي، ۽ ان کي ايڏيون گهڻيون ناڪاميون نصيب ٿيون آهن، جو هو ڪو دليرانه جوابي قدم نه کڻندو.

(5) هندستان ۽ پاڪستان جون داخلي مشڪلاتون، خصوصاً اهي جيڪي اقتصادي ۽ خوراڪ جي فراهميءَ متعلق آهن، ٻنهي ملڪن تي مختلف قسمن جي دٻاءَ وجهڻ لاءِ سازگار آهن.

(6) آمريڪا، هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي تي وڏل دٻاءَ جي ردِ عمل جي آزمائش ڪري چڪي آهي ۽ هوءَ سمجهي ٿي ته پنهنجين عالمي حڪمتِ عملين کي وڌيڪ تيزيءَ سان حاصل ڪرڻ خاطر، آها نئين ۽ وڌيڪ سخت دٻاءَ وجهڻ جو سوچيل سمجهيل خطرو کڻي سگهي ٿي.

اهو پڇڻ مناسب آهي ته جڏهن آمريڪا وٽ اقتصادي دٻاءَ وجهڻ جا ڪيئي ذريعا به هئا، ته پوءِ ان فوجي ميدان ۾ جبر کان ڪم وٺڻ ڇا لاءِ پسند ڪيو؟ هن ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته فوجي امداد کي بند ڪرڻ جي اعلان کان اڳي انهن طريقن سان ڪجهه نه ڪجهه دٻاءَ وڌو ويو هو. دراصل، انهيءَ فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيئي دٻاءَ خفيه طريقن سان استعمال ڪيا ويا هئا. آمريڪا اهي معاهدا رد ڪري ڇڏيا، جن جي تحت هندستان ۽ پاڪستان کي ڊگهي عرصي جي سخاوت واري بنياد تي خوراڪ ملندي هئي ۽ اهڙا نوان معاهدا طئي ڪيا، جن جا شرط شروط سخت هئا، ۽ جن جي تحت اقتصادي امداد جي

تڏهن آمريڪا دٻاءُ اتي وجهڻ شروع ڪيو، جتي اها گهٽي
کان گهٽي تڪليف ڏئي پئي سگهي.

جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جي نبيري ٿيڻ کان سواءِ،
۽ تعلقات کي صحيح معنائن ۾ معمول تي آڻڻ کان اڳ ۾،
هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گڏيل اقتصادي رٿائن جي
متعلق سوچي به نه ٿو سگهجي. انهيءَ قسم جو تعاون فقط
برابري ۽ باهمي اعتماد مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. ان کي بندوق
جي نشانه چيڻ سان پيدا ڪري نه ٿو سگهجي، خصوصاً اهڙيءَ
حالت ۾ جڏهن هڪ قوم پنهنجي پاڙيسريءَ جي اقتصادي ۽
علائقائي حقن تي ناجائز قبضو ڪري رکيو هجي. انهن حالتن ۾
فوجن ۾ تخفيف ڪرائڻ جي ڪوشش، عملي طور به وڌيڪ
بيسود ثابت ٿيندي.

## باب ستون

# آمريڪي شرطن تي هندستان سان اشتراڪ عمل

هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گڏيل اقتصادي ڪارگذاري جي حق ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا وڃن ٿا، سي هوبهو اهي ئي آهن، جيڪي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي خلاف پيش ڪيا ويندا هئا. انهن دليلن کي، جن کي هندستان جي ورهاڱي فيصلہ ڪن انداز ۾ طئي ڪري ڇڏيو هو، وري پيهر جيئرو ڪيو ويو آهي. ننڍي کنڊ جي معيشت ۽ مسلح فوجن جي ورهاڱي جي خلاف انڊين نئشنل ڪانگريس جا اعتراض، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ۽ مسلمانن جي هن فيصلي سان، تہ اهي "علحده ۽ برابر" رهندا، رد ٿي چڪا هئا. ڪيئي سال اڳي، مسٽر جناح ۽ هڪ برطانوي مصنف مسٽر بيورلي نڪولس جي درميان هڪ گفتگو ۾ ورهاڱي جي اقتصادي ۽ دفاعي نتيجن تي هن طرح سان بحث ٿيو هو:

خود (نڪولس): پهريون سوال اقتصادي آهي. ڇا، پاڪستان جي تحت مسلمانن جي زياده امير يا زياده غريب ٿيڻ جو امڪان آهي؟ ۽ ڇا، اوهان باقي هندستان جي خلاف چنگي (محصول) لڳائيندا؟

جناح: هن باري ۾ آءٌ اوهان کان هڪ سوال پڇان ٿو. سمجهو تہ توهان کان اهو پڇيو وڃي تہ توهان ڪهڙي شئي کي ترجيح ڏيندا: جرمنيءَ جي ماتحت امير انگلنڊ کي يا هڪ غريب پر آزاد انگلنڊ کي، تہ توهان جو جواب ڪهڙو ٿيندو؟

خرچ ۾ جيڪڏهن ايترو اضافو ڪيو هجي ها جو هڪ يا ٻه وڌيڪ ڊويزن فوج تيار ٿي پوي ها ته فتح ۽ شڪست جي درميان فيصلہ ڪن فرق واضح ٿي پوي ها.

1965-66ع وارن جنگي سالن ۾ ٻه پن اربن پنجاسي ڪروڙ رپين جو چوٿيءَ وارو خرچ انهن ڏهن اربن ڇهويهن ڪروڙ رپين جي ساليانه خرچ جي مقابلي ۾، جيڪو هندستان 1962ع کان وٺي دفاع لاءِ باقاعده طور مخصوص ڪندو آيو هو، پڇي سگهڻ لاءِ مشڪل سان ڪافي هو. آمريڪا کان امداد ملڻ جي خاتمي تي دفاع تي جيڪڏهن خرچ ۾ اضافو نہ ڪجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ خرچ ڪي، جيڪو هندستان جي خرچ جي مقابلي ۾ چوٿين حصي کان ٻہ گهٽ هو، قائم رکڻ ئي زيادہ معقول ڳالهہ ٿئي ها. هٿيارن جي ايتري هڪ طرفي ڪمي ڪري، جنهن مان قومي سلامتيءَ لاءِ خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا، پاڪستان جي حڪومت سنتيانا جي هن قول جي صداقت کان بيخبريءَ جو اظهار ڪيو تہ "جيڪي ماڻهو ماضيءَ کي ياد رکي نہ ٿا سگهن، تن جي سزا ان کي دهرائڻ آهي."

اهو هو ته هندستان چين سان ٿاهه ٺوهه جي ڪوشش ڪري ها. هو هين وقت اهڙو ڪو ٺاهه چاهي ٿو يا نه، سو سوال غيرضروري آهي. هن وقت جيڪا ڳالهه سوقعي جي عين مطابق آهي، سا اها آهي ته هندستان چين سان پنهنجن اختلافن کي وڏيڪ شدت ڏيڻ، ۽ ان طرح عالمي چڪتاڻ ۾ هڪ پياده جي حيثيت اختيار ڪرڻ نه ٿو چاهي. هڪ سرحدي ٽڪراءَ جي ورثي سان نباهه ڪرڻ ۽ سرحدي چڪتاڻ کي آمريڪا وٽ وڏائي پيش ڪرڻ سان ان کان اهم رعايتون حاصل ڪرڻ هڪ ڳالهه آهي، ۽ هڪ اهڙي معاملي ۾ ڦاسڻ، جنهن مان نندي ڪنڊ جي مڪمل تباهي رونما ٿي سگهي ٿي، بلڪل ٻي ڳالهه آهي. ويٽ نام جي جنگ پنهنجون موجوده سرحدون لتاڙي ٻاهر به نڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هندستان ۽ پاڪستان جو رويو وڏي اهميت جو حامل ٿيندو، ۽ قدرتي طور هندستان پاڻ کي ڪنهن به مونجهاري ۾ وجهڻ نه ٿو چاهي. هندستان هن وقت تائين غيروابستگيءَ جي پاليسي تي هليو آهي، پر حالات ان کي ٻنهيءَ وابستگيءَ ۾ جڪڙي رکيو آهي. پاڪستان سان تعاون جي خلاف ان جو مقابلو خود انهيءَ تعاون جي مخالفت مان پيدا نه ٿيو آهي، جيڪو ان جو تاريخي فرض آهي، پر هن لاءِ جو انهيءَ قسم جو تعاون ان کي فقط عالمي سياست جي مونجهارن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ سبب ڪري هندستان انهيءَ معاملي ۾ مذبذب رهندو ۽ انهيءَ حساب سان مٿس دٻاءُ وڌو ويندو، جيتوڻيڪ اهو دٻاءُ پاڪستان تي پوندڙ دٻاءُ کان گهٽ هوندو. جيڪڏهن هندستان ان کي قبول به ڪٿي ڪري، تڏهن به هن جو ان مان فيض حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي آهي. جتي گانڌي ۽ نهرو ناڪامياب ٿيا، اتي پاڪستان جي تابعداري حاصل ڪرڻ هندستان جي هارايل ماڻهن لاءِ هڪ مهميز جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي، ۽ شايد اها چيز عارضي طور

جيئن اهو هندستان جي خلاف پنهنجي دفاع کي مضبوط بنائي سگهي. اهو شڪ آمريڪا جي اندازِ فڪر ۾ هميشه کان وٺي موجود هو، پر ان جي برعڪس ڪيس هيءَ اميد به هئي ته وقت گذرڻ سان گڏو گڏ هندي- پاڪستاني اختلافات پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندا ۽ پوءِ پاڪستان پنهنجي سڄي توجه ڪميونسٽ خطري ڪي ڏيندو. اها اميد پاڪستان طرفان آمريڪا جي حمايت ۾ ڪيل ڪيترين ڳالهين جي مد نظر برحق معلوم ٿيندي هئي، ۽ وزير اعظم نهروءَ جي انهن روين ۽ اعلانن جي مدنظر پڻ، جيڪي آمريڪا ڪي ڪميونسٽ غرض جي موافق نظر ايندا هئا. پاڪستان طرفان پنهنجي خلوص ۽ انهيءَ مشترڪه مفاد سان پنهنجي وابستگيءَ جي مظاهري ڪرڻ لاءِ، اسان چاٿي ٻجهي سوويت يونين ۽ عوامي جمهوريه چين سان بيگانگيءَ جي پاليسي اختيار ڪئي. سوويت يونين سان اسان جا ناتا عملي طور عدم موجود هئا. وزير اعظم لياقت علي خان سوويت يونين طرفان دعوت نامي ملڻ جي خواهان هئڻ جي باوجود، ان جي وصول ٿيڻ بعد اوچتو ئي اوچتو پنهنجو روس جو دورو منسوخ ڪري ڇڏيو. اهو نامناسب قدم، مشڪل سان ئي سڌن ناتن پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي ٿي سگهيو. انهيءَ وڏي طاقت سان اسان جي ناتن ۾ ڪشيدگيون پيدا ٿيون، تان جو "يو-ٽو" واري قصي انهن کي عروج تي پهچائي ڇڏيو.

پاڪستان انقلاب کان جلدئي پوءِ چين کي تسليم ڪيو هو، پر انهيءَ ملڪ سان اسان جا ناتا معمول جي مطابق بلڪل ڪين هئا. يقيناً، هڪ موقعي تي ٻنهي ملڪن جي وزير اعظمن جو هڪٻئي ڏانهن اچڻ ۽ وڃڻ به ٿيو هو، ۽ ڪجهه واپاري لڳ لاڳاپا به قائم ٿيا هئا، پر تعلقات اطمينان بخش نه هئا. اقوام متحده ۾ چين جي داخلي جي ابتدائي حمايت ڪرڻ جي ڪجهه عرصي کان پوءِ آمريڪا جي دٻاءَ جي تحت اسان جو

(3) هن جو خيال هو تہ جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان پنهنجا اختلاف نبيري وجهن، تہ گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان ڪميونزم جي خلاف پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهندو.

(4) پاڪستان جو نظريو ڪميونزم کان مختلف هو ۽ انهيءَ ملڪ تي قدامت پسند قيادت جو مڪمل قبضو هو.

(5) پاڪستان داخلي ۽ خارجي طور ڪميونزم جي خلاف پنهنجي عداوت جو ڪافي مظاهرو ڪري چڪو هو.

(6) آمريڪا طرفان فوجي امداد ڏيڻ جي رٿا اهڙيءَ طرح سان بنائي وئي، جو ان جي ڏنل هٿيارن تي ان جو اثرائتو قابو رهي، تہ جيئن پاڪستان جيڪڏهن انهن هٿيارن ۽ ساز و سامان جو "بيجا" استعمال ڪرڻ لڳي تہ آمريڪا فوري طور تي سندس انهيءَ قدم کي ناڪام بنائي سگهي.

پاڪستان کي امداد هڪڙن سببن لاءِ ڏني ويندي هئي، ۽ اها وصول ٻين لاءِ ڪئي ويندي هئي. انهيءَ تضاد ۾ سن 1962ع واري چيني-هندي لڙائيءَ هڪ بلڪل نئين عنصر جو اضافو ڪري ڇڏيو. نهرو، آمريڪا جو دشمن باقي نہ رهيو. هن مايوسيءَ ۽ فڪر جي فريب ٽُٽڻ جي ڪيفيت ۾، ڪميونسٽ چين جي چنبن کان پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ، آمريڪا کي امداد لاءِ درخواست ڪئي. هاڻي، جانبدار پاڪستان نہ، بلڪ غيرجانبدار هندستان آمريڪا جي سيني کان وڏي حريف جي خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿيو هو. حالات جي انهيءَ نئين ڦيري آمريڪا کي هندستان ۾ داخل ٿيڻ جا اهڙيءَ طرح بيشمار موقعا مهيا ڪيا، تہ جيئن انهيءَ ملڪ کي بتدريج چين جي خلاف، جيڪو انهيءَ وقت تائين آمريڪا جو مکيہ حريف بڻجي چڪو هو، محاذ آرائيءَ ۾ شامل ڪيو وڃي. انهيءَ بدليل صورتحال، هڪبئي سان اڻ ٺهڪندڙ انهن مفروضن جي تضادن کي نمايان ڪري ڇڏيو، جن جي بنياد تي پاڪستان ۽ آمريڪا خصوصي تعلقات قائم ڪيا هئا.

خلاف پنهنجي بچاءَ ۾ استعمال ڪئي ويئي تہ اڳين دفعي وانگر فوراً روڪي ويندي، البت هن ڀيري فرق اهو هوندو تہ چين بہ اسان جو مخالف هوندو. انهيءَ قسم جي ذمہ داري قبول ڪرڻ سان، چين جي گهيري ٿيڻ بدران، خود پاڪستان جو گهيرو ٿي ويندو. ان طرح ڏکڻ جي طرف کان هندستان ۽ اتر ۽ اوڀر جي طرفن کان چين جي دشمني قائم رهندي، ۽ تازين اخباري خبرن مان جيڪي ڪجهہ اندازو ڪري سگهجي ٿو، تنهن کان افغانستان جو رويو پڻ متاثر ٿيندو. اها هوندي حالت، جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي درميان نئين سر جنگ ڇڙي!

هن وقت يا مستقبل ۾ فوجي سازوسامان جي پهچ جي سطح اهڙي ڪافي ناهي، جو پاڪستان کي چين يا سوويت يونين جي خلاف پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو اهل بنائي سگهي. انهن طاقتن جي خلاف دفاع لاءِ ملندڙ جنگي سازوسامان جي ناڪافي هئڻ جي اعتراضن جي جواب ۾ آمريڪا هميشه اصرار ڪيو آهي تہ ڀرپور مسلح ٽڪراءَ جي صورت ۾ اها پاڻ پنهنجي اٿاهہ جنگي طاقت سان ميدان ۾ لهي ايندي ۽ "آخري" هٿيارن جي استعمال تي غور ڪندي. ان جي باوجود، ويٽ نام کان پوءِ هن ڳالهہ تي ڪوبہ ڀروسو رکي نہ ٿو سگهجي تہ آمريڪا وري ڪڏهن بہ ڀاري تعداد ۾ پنهنجي بري فوج کي ايشيا جي عظيم زميني خطہ ۾ لڙائي لاءِ تيار ٿيندي. ان کان علاوه، "آخري" هٿيارن جي استعمال جو ڪوئي اعتبار هجي ها، تہ صدر ڊي گال فرانس لاءِ هڪ آزاد ائٽمي بچاءَ مهيا ڪرڻ لاءِ مغربي يورپ جي متحده دفاعي نظام ۽ اوقيانوس واري اتحاد کان الڳ ٿيڻ جهڙو جرئتمندانہ قدم هرگز نہ کڻي ها. جيڪڏهن يورپ، جيڪو آمريڪا جي ماءُ آهي، آمريڪا کان پنهنجي بچاءَ لاءِ ائٽمي هٿيارن جي استعمال تي ڀروسو نہ ٿو رکي سگهي تہ ايشيا لاءِ

هن خطري ۾ مان نبري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو صحيح آهي ته فوجي امداد اسان کي هندستان جي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ مهيا نہ ڪئي ويئي، تڏهن بہ انهيءَ امداد جي اسان وٽ موجودگيءَ کي هندستان جي خلاف هڪ مانع عنصر جي حيثيت حاصل هئي. گذريل جنگ ۾ پاڪستان انهيءَ وقت تائين امداد کي استعمال ۾ آڻيندو رهيو، جيستائين آمريڪا طرفان جنگي سامان جي فراهميءَ تي امتناعي حڪم ۽ پيون پابنديون نہ وڌيون ويئون هيون.

هاڻي، اسان کي جنهن سوال جو جواب ڏيڻو آهي، سو اهو آهي تہ انهيءَ مانع کي ڪهڙيءَ طرح برقرار رکي سگهجي ٿو.

آزاديءَ کان بہ اڳي، ننڍي کنڊ جا مسلمان اسلامي مقصدن لاءِ جيتري بہ امداد ڏيئي پئي سگهيا، سا ڏيندا هئا. استحڪام جي اها تحريڪ هڪ اهڙو عنصر آهي، جنهن کي وڏيون ۽ عالمي طاقتون پنهنجي پاليسين جي تشڪيل ۾ نظرانداز ڪري نہ ٿيون سگهن. جيتوڻيڪ پاڪستان جي حڪمت عملي هميشه کان وٺي مسلم ملڪن سان امڪان جي حد اندر دوستانہ تعلقات وڌائڻ جي رهي آهي، ان جي باوجود ان کي ڪن موقعن تي دشواريون بہ درپيش آيون آهن. جيڪي ناڪاميون بہ ٿيون آهن، تن مان ڪن لاءِ ذمہ داري تہ اسان جي بين الاقوامي معاملن ۾ تجربي جي ڪميءَ ۽ ڪجهہ وچ اوڀر جي بار بار رونما ٿيندڙ جنگين تي آهي.

وچ اوڀر جا روايتي مسئلا هميشه تمام وڏا نظر ايندا آهن، پر انهن کي سن 1967ع واري عرب اسرائيل جنگ کان رونما ٿيل مسئلن پٺتي ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ مختصر تصادم، گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور انهيءَ علائقي جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ طاقت جي توازن ۾ بہ انقلابي تبديلي آڻي ڇڏي آهي. انهيءَ مان عربن کي بيحد نقصان پهتو آهي، پر ٿي سگهي ٿو تہ شڪست جو ڏنگ، سندن اڳواڻن کي وري ڀيهر جمع ٿيڻ ۽ انهن نقصانن جي تلافي ڪرڻ ۽ ساڻن ٿيل زيادتين جي علاج ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪري وجهي. عربن جا داخلي اختلاف ۽ جهيڙا، جيڪي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيچيده ٿيندا پئي ويا، تن کي شايد هاڻي نبيرڻ جو موقعو ملي وڃي. عرب رياستن ۾ دشمنيءَ جي مختلف سببن مان وڏي کان وڏو سبب انهن جي متضاد سماجي نظامن جي درميان اختلاف آهي، پر جيڪڏهن سرمايہ داري ۽ ڪميونزم جا نظام باهمي بقا جي اصول تي هڪٻئي سان گڏ وگڏ رهي سگهن ٿا، تہ پوءِ عرب قدامت پسندي ۽ عرب اشتراڪيت جي درميان هڪ قابل عمل رواداريءَ جو قيام،

هندستان اسرائيل سان وڏيڪ صلح پسندانہ رويو اختيار ڪرڻ لاءِ سبب ڳولي ڪڍندو. صدر ناصر ۽ بين عرب اڳواڻن کي سندن پاليسين جي وسيع پيماني تي نئين سر تشخيص ڪرڻي پوندي. ڪين صحيح طور اندازو لڳائڻو پوندو تہ ڪهڙيون ڳالهيون اڳ ۾ ڪرڻ گهرجن ۽ ڪهڙيون پوءِ؛ ڪين تصادم جي نڪات ۾ ڪمي آڻڻي پوندي ۽ هن باري ۾ فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ڀنهي مان وڏيڪ خطرناڪ ڪهڙو آهي: اسرائيل يا خود عربن جون پاڻ ۾ هلندڙ رقابتون. ڪين سڀ تعصب ترڪ ڪري، يمن ۽ ايراني نار جي مسئلن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي ۽ ترقي پسند ۽ قدامت پسند حڪومتن جي درميان هڪ جٽادار ۽ قابل عمل تصفيہ ڪرڻو پوندو. گويا، عام فهم لفظن ۾ ڳالهائيندي اٿين ڪٿي چئجي تہ متحده عرب جمهوريه کي ايندڙ ڪجهہ وقت لاءِ، خود پنهنجو پاڻ ڏانهن وڏيڪ ڏسڻو پوندو. سيني ڪان وڏيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ ايران ۽ متحده عرب جمهوريه جي درميان ميلاپ ڪرائڻ لاءِ سچيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

---

# باب ڏهون

## پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات

پاڪستان، ايران ۽ ترڪيءَ سان مثالي تعلقات قائم ڪيا آهن ۽ پائيپيءَ وارو اهو اشتراڪ ايشيا جو روزبروز وڌيڪ طاقتور عنصر بنجي رهيو آهي. ترقيءَ لاءِ علائقائي تعاون، جنهن کي عام طور تي آر- سي- ڊي سڏيو وڃي ٿو، اسان جي ملڪن کي هڪٻئي جي وڌيڪ قريب آڻيندو، ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد مساوات، باهمي امداد ۽ دوستيءَ تي رکيل آهي. اسان کي پنهنجن باهمي تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ مشترڪه مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششن سان هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

مستقبل لاءِ هيءَ هڪ ڏاڍو نيڪ شگون آهي ته ترڪي ۽ عرب رياستن جي درميان ظاهري طور حل نه ٿي سگهڻ جهڙن تعصبن تي قابو حاصل ڪيو پيو وڃي. تازوئي، اصلاح جون ڪيئي علامتون ظاهر ٿيون آهن، پر انهن سان ڪابه انهيءَ حوصلو وڌائيندڙ حمايت جي برابر ڪانه هئي، جيڪا ترڪيءَ طرفان عرب- اسرائيل جنگ ۾ عربن کي حاصل رهي. اهڙيءَ طرح، ايران ۽ متحده عرب جمهوريه جي تعلقات ۾، جيتوڻيڪ ماضيءَ جي دوران بگاڙ رهيو، وچ اوڀر جي جنگ ۽ ان ۾ عربن جي مقصد لاءِ ايران جي حمايت، انهن تعلقاتن جي سڌاري لاءِ تمام عمدو موقعو فراهم ڪيو. عراق، ترڪي ۽ پاڪستان، سڀني جا تعلقات ايران ۽ متحده عرب جمهوريه ٻنهي سان سٺا آهن ۽ اهي انفرادي ۽ اجتماعي

رکون. واضح سببن جي ڪري، هندستان افغانستان جي نيڪ خواهشن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪري ٿو.

نيپال، پاڪستان لاءِ اهو ڪجهه آهي، جيڪو افغانستان هندستان لاءِ آهي. افغانستان، پاڪستان جي طرف کان خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اهو هڪ مسلمان بادشاهي آهي. ان جا سوويت يونين سان سٺا تعلقات آهن ۽ اتر ۾ هڪ خشڪيءَ جو رستو ان جي علائقي وچان لنگهي ٿو. نيپال، هندستان جي طرف کان خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اتي هڪ هندو بادشاهي آهي. ان جا چين سان سٺا تعلقات آهن ۽ هڪ سڙڪ انهن کي هڪٻئي سان ملائي ٿي. نيپال جي اوڀر پاڪستان ۽ سڪم ۽ ڀوٽان جي اهم رياستن سان ويجهڙائي، ۽ ان جي آسام صوبي سان نزديڪي، جنهن ۾ ناگا ۽ ميزو قبائل رهن ٿا، خواه نڪسل باڙي واري تنگ گذرگاه جي بغاوتن جو ذڪر ڪٿي نه به ڪجي، سي سڀ نيپال کي پاڪستان جي خارجه پاليسيءَ جي اندازن ۽ تخمينن ۾ وڏو اهم مقام ڏين ٿيون. ڪجهه سال اڳي تائين نيپال سان اسان جا تعلقات عدم موجود هئا. بهرحال، ٿورائي سال اڳي وڃايل وقت جي تلافي ڪرڻ لاءِ وڏيڪ زوردار ڪوششون ڪيون ويئون آهن ۽ سڀني شعبن ۾ اسان جا ان سان تعلقات سڌري ويا آهن. اڃا به وڌيڪ اشتراڪ عمل جا زياده ۽ بهتر موقعا موجود آهن، جيڪي پاڪستان ۽ نيپال جي درميان روزانو وڌندڙ مفاهمت ۾ اضافو ڪندا. سڪم ۽ ڀوٽان پڻ پاڪستان جا پاڙيسري آهن، پر بدقسمتيءَ سان هندستان انهن رياستن کي، جن کي هو پنهنجو باجگذار سمجهي ٿو، اسان سان تعلقات قائم ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي. هن ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته انهن شمالي هماليائي رياستن جي آزاديءَ ۽ قومي وقار جو جذبو هڪ

ڪي گذريل تاريخ بگاڙي رکيو آهي، جنهن لاءِ نہ پاڪستان ۽ نہ سوويت يونين مڪمل طور ذمہ دار آهن. پاڪستان جي آزاديءَ وقت هن قسم جي هر علامت موجود هئي تہ اسان جا تعلقات ٻنهي طرفن باهمي مفادن جي بنياد تي وڌندا ويجهندا رهندا. پر بعد ۾ رونما ٿيندڙ واقعن انهن اميدن کي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان، سوويت - آمريڪي مقابلي جي انتهائي عروج واري زماني ۾ هڪ دفاعي معاهدي جو ميمبر بڻجي سوويت يونين جي مخالفت جي باهہ ڀڙڪائي، جيڪا اهڙن سيني معاهدن کي پنهنجي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن جي خلاف سمجهندي هئي. آمريڪا جي عالمي مفادن سان دائمي وفاداريءَ جي ثبوت پيش ڪرڻ جي فڪر ۾ پاڪستان ڪڏهن ڪڏهن غير معتدل طرز عمل اختيار ڪندو رهيو، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو تہ سوويت يونين، جمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ هندستان جي حمايت جي صورت ۾ اسان کان بدلو ورتو. نهروءَ انهن اختلافن کي پاڪستان ۽ سوويت يونين جي تعلقات جي صورت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ لاءِ نهايت هنرمنديءَ سان استعمال ڪيو. بين الاقوامي حالات ۾ تبديليءَ جي تحريڪ جي بنياد تي پاڪستان ۽ روس جي تعلقات ۾ هڪ رستو ان وقت پيدا ڪيو ويو، جڏهن مون پارڻ، بجلي ۽ قدرتي وسيلن جي وزير جي حيثيت ۾، معدني تيل جو معاهدو ڪرڻ لاءِ 1960ع جي پڇاڙيءَ ڌاري انهيءَ ملڪ جو دورو ڪيو. پاڪستان ۽ سوويت يونين جي درميان وڏيءَ اهميت وارو اهو پهريون رابطو هو ۽ ان ٻين ميدانن ۾ لاڳاپن لاءِ رستو هموار ڪيو. هيءَ ڳالهہ خوشيءَ جو سبب آهي تہ گذريل ڪجهہ سالن ۾ سوويت يونين سان پاڪستان جا تعلقات بهتر ٿيندا رهيا آهن.

چين ۽ هندستان اسان جا انتهائي اهم ۽ ويجها پاڙيسري آهن ۽ انهن جي باري ۾ جدا بحث ڪيو ويندو. جيسين عام تعلقات جو معاملو آهي، تيسين هيءَ دعويٰ ڪري سگھجي ٿي ته پاڪستان پنهنجن گھڻن پاڙيسرين مان اڪثر ملڪن سان دوستانه تعلقات قائم ڪيا آهن. اها ڪا معمولي ڪاميابي ڪانهي.

## باب ٻارهون

## چين ۽ پاڪستان جا تعلقات

1962ع کان پوءِ چين ۽ پاڪستان جا تعلقات گهڻي قدر سڌري ويا آهن. انهيءَ ڳالهه، آمريڪا ۾ زبردست غلط فهميون پيدا ڪيون آهن، جتي هنن تعلقات جي معقوليت کي گهڻي قدر بگاڙي پيش ڪيو ويو آهي. چين ۽ پاڪستان جي تعلقات جو بنياد، ٻنهي ملڪن جي هندستان سان اختلافن تي رکيل ناهي. اهو عنصر جيتوڻيڪ اهم آهي، ان جي باوجود اهو اصلي سبب جو هڪ حصو آهي. چين، پاڪستان جو هڪ پاڙيسري آهي ۽ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن سڀني پاڙيسرين سان دوستي ۽ برابريءَ جي بنيادن تي سٺا تعلقات قائم رکون. پاڪستان ۽ چين جي درميان علائقائي يا ڪي ٻيا جهڳڙا ڪينهن، جيڪي اختلافن پيدا ڪرڻ جا سبب بڻجن. چين ۾ انقلاب جي خاتمي کان بعد ئي ان جي اها پرخلوص ڪوشش رهي آهي ته پاڪستان سان معمول جي مطابق تعلقات قائم ٿين. وزير اعظم چو اين لائي بنڊونگ ڪانفرنس جي دوران پاڪستان جي وزير اعظم کي يقين ڏياريو هو ته چين، پاڪستان سان سٺا تعلقات چاهي ٿو ۽ پاڪستان لاءِ هڪ طاقتور پاڙيسري ملڪ جي طرف کان خير خواهيءَ جي انهيءَ اظهار کي ٺڪرائڻ غير دانشمنديءَ وارو ڪم هجي ها. ايشيا ۾ چين جي غالب حيثيت تسليم ٿيل آهي ۽ پاڪستان هڪ ايشيائي ملڪ آهي، جنهن جو مقدر هميشه لاءِ ايشيا سان وابسته آهي. ان ڪري پاڪستان لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته اهو ايشيا جي اتحاد کي مستحڪم بنائڻ لاءِ چين سان دوستانه تعلقات قائم رکي. ايشيائي ۽ آفريڪي قومن جي

نہ ٿو ڪري سگھجي. عالمي طاقتن طرفان هندستان ۽ پاڪستان جي هٿيار بند فوجن ۾ ٻہ-طرفي خطرناڪ قسم جي ڪمي ڪرڻ جي ڪوشش بدران، اقوام متحده ڪي هٿيارن جي ڪميءَ لاءِ هڪ مڪمل ۽ عام بين الاقوامي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ ائٽمي هٿيارن جون هڪ-هٽيون قائم ڪرڻ بدران انهن جي مڪمل خاتمي جو اصول شامل هجي. جيڪڏهن امن جي ضمانت فقط هڪ غير مسلح دنيا ۾ ڏيئي سگهجي ٿي، ۽ جيڪڏهن بين الاقوامي سطح تي هٿيارن جي مڪمل ۽ عام ڪميءَ لاءِ ڪوششن جي همت افزائي پسنديده ڳالهہ آهي، تہ پوءِ هٿيارن جي ڪميءَ لاءِ ڳالهين ۾ چين جي شموليت لازمي آهي. ستر ڪروڙ انسانن جي اهڙيءَ قوم جي تعاون کان سواءِ، جنهن وٽ جوهري اسلح خانو پڻ آهي، هٿيارن جي مڪمل ڪميءَ جو خيال، هڪ ڏورانهين منزل بڻيو رهندو. انهن نمايان سببن ڪري، چين سان پاڪستان جي دوستانہ تعلقات ۾ اهڙن مثبت اسبابن ڪري حرڪت آئي آهي، ۽ نہ اهڙين وقتي حاجتن جي ڪري جن جو ڪنهن ٻئي ملڪ تي اثر پوندڙ هجي.

هن قسم جا طعنا هنيا ويا آهن تہ پاڪستان ۽ چين جي زندگيءَ جا نظريا هڪٻئي سان اڻ ٺهڪندڙ آهن ۽ انهيءَ ڪري انهن ٻن ملڪن ۾ هڪ دوستاڻو ۽ عملي طريقہ ڪار گهڻي وقت تائين قائم نہ ٿو رهي سگهي. هيءَ دليل بہ پيش ڪيو ويو ٿو تہ جيئن تہ پاڪستان جا چين سان تعلقات موضوعي انداز جا آهن، ان ڪري اهي وقت جو دٻاءُ برداشت ڪرڻ جي قابل ٿي نہ ٿا سگهن. اهي دليل مغالطي ۾ وجهندڙ آهن. رياستن جا واسطا سدا سنوان رياستن سان هوندا آهن، ۽ نہ سندن معاشرتي نظامن يا نظرين سان. جيڪڏهن انهيءَ دليل کي ان جي منطقي نتيجي تائين پهچايو وڃي، تہ پوءِ پاڪستان جا دوستانہ تعلقات فقط مسلم ملڪن

سان هئڻ گهرجن ۽ ان کي باقي دنيا کان پاڻ کي الڳ ٿلڳ رکڻ گهرجي. هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته اسلام هڪ سياسي قوت جي حيثيت سان پنهنجي مقابلي ۾ عيسائي ملڪن جي هٿان وڏيڪ نقصان برداشت ڪيو آهي. اها عيسائي دنيا ئي هئي، جنهن اسلام جي خلاف صليبي جنگين جو بنياد وڌو ۽ اهي عيسائي قومون ئي هيون، جن ذري گهٽ سمورن مسلمان مملڪتن کي صدين تائين پنهنجي سامراجي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو ۽ انهن جي معاشرتي ۽ اخلاقي تمدن کي ايتريءَ حد تائين تباهه ڪيو، جو اسلامي دنيا اڃا تائين انهيءَ نقصان جي بحال ٿيڻ جي دور مان گذري رهي آهي. پروفيسر آرنولڊ ٽائنبي چيو آهي:

”ڪميونزم جي متعلق ڪجهه به ٻڌڻ کان ڪيئي صديون اڳي، اسان جي ابن ڏاڏن کي ڏهڪائيندڙ ڀوت اسلام ۾ نظر آيو هو. سورهين صديءَ جي زماني تائين اسلام مغرب وارن جي دلين ۾ اهڙي ئي اضطرابي ڪيفيت پيدا ڪندو هو، جيڪا ويهين صديءَ ۾ ڪميونزم پيدا ڪري رهي آهي، ۽ اهو اضطراب لازمي طور ساڳين ئي سببن جي بنياد تي پيدا ٿي رهيو آهي. ڪميونزم وانگر اسلام پڻ مغرب دشمن تحريڪ هئي ۽ ان سان گڏوگڏ مغربي عقيدي جي هڪ بدعتي تشريح پڻ هئي، ۽ ڪميونزم وانگر، اهو به جذبي جي هڪ اهڙي ترار لهرائي رهيو هو، جنهن جي خلاف مادي هٿيارن ۾ ڪنهن به قسم جو دفاع ڪو نه هو.“ (1)

هيءَ ڳالهه غير امڪاني آهي ته چين ”پاڪستان جي غرناطه“ جي سقوط يا مسلمان رياستن کان يروشلم جي کسجي وڃڻ جو ذميدار ٿيڻ وارو آهي. اسان جا تعلقات بنڊونگ

---

(1) سيولِيزيشن آن ٽرايَل، 1948، ص- 2-21.

حالت وڏيڪ خطري واري ڏي پوندي. انهيءَ وقت اسان وري ائين پٺتي رهجي وينداسون، جيئن سوويت يونين سان پنهنجي تعلقات کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ۾ اسين هندستان کان پٺتي رهجي ويا هئاسون. جيڪڏهن قيمتي وقت هن طرح ضايع ٿيندو رهيو ته ان مان ناقابل تلافي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ان ڪري هيءَ ڳالهه انتهائي ضروري آهي ته پاڪستان چين سان پنهنجن دوستاڻن تعلقات کي ترقي ڏيڻ ۾ مصروف رهي ـ ۽ آمريڪا جي عالمي پاليسيءَ جي موجوده رجحانن جي مدنظر چين سان قائم ٿيل موجوده تعلقات کي قطع ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ سيني ڪوشش جو مقابلو ڪري انهن کي قائم رکي. پاڪستان کي خود پنهنجي مهذب سياسي مفادن جي بنيادن تي پنهنجي خارجه پاليسيءَ جي تشڪيل عالمي طاقتن جي بدلجندڙ سياسي ضرورتن کان بي نياز ٿي ڪرڻ گهرجي.

# باب تيرهون

## يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته مغربي دنيا جي ٽن نيم عظيم طاقتن مان ڪهڙي طاقت مستقبل قريب ۾ پاڪستان جي قومي مفاد کي ترقي ڏيڻ جو وڏيڪ حق ادا ڪري سگهي ٿي؟ پر ان جي موجوده پاليسيءَ جي آڌار تي، فرانس لاءِ سيني کان وڏيڪ گمان ڪري سگهجي ٿو. خود ارادي جي حق لاءِ ان جي حمايت، ائٽلانٽڪ معاهده. جي سربراهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڪوشش، ۽ ايشيائي مسئلن ۾ ان جي شعور مان اهو نتيجو نڪتو آهي جو پاڪستان ۽ فرانس جي درميان تعلقات خوشگوار آهن.

سيپٽمبر 1965ع واريءَ جنگ ۾، فرانس پاڪستان کي نااميديءَ جو ڪو سبب نه ڏنو. ان جي برعڪس، سلامتي ڪائونسل ۾ ان جو رويو هن ڪري نهايت مددگار ثابت ٿيو، جو ان ٻين عظيم طاقتن طرفان تعزيرن وجهڻ جي ڌمڪين جي مخالفت ڪئي. جولاءِ 1965ع ۾ ڪنسورشيم جي درميان بحران واري وقت ۾ پڻ فرانس پاڪستان کي اقتصادي ۽ سياسي ٻنهي قسمن جي امداد ڏني. ان جي عالمي پاليسي اسان جي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن سان مطابقت رکي ٿي، ۽ هن سربراهيءَ جي زيرسائي هندستان جي قد ڪاٺ ۾ اچڻ واري ڪوتاهيءَ جي منفي نتيجن جو احتياط سان مطالعو ڪيو آهي. فرانس کي يقين آهي ته، چين سان هندستان جو جهيڙو، ايشيا ۾ امن لاءِ فائديمند ناهي. اهو ملڪ هن ڳالهه جو قدر ڪري ٿو ته پاڪستان چين سان اعتماد ۽ مفاهمت جا تعلقات قائم ڪيا آهن، ۽ هو پاڪستان طرفان پنهنجي وجود

جيڪا مدد ميسر آهي، تنهن جو پڻ ان کي عالمي رقابتن ۾ ڪوئي پڌل سڌل موقف اختيار ڪرڻ بدران هر معاملي جي خصوصيتن جي مطابق پنهنجي حڪمت عملي متعين ڪرڻ گهرجي. اها حڪمت عملي هر ملڪ جي اندروني معاملن ۾ "عدم مداخلت" ۽ سڀني قومن لاءِ خود ارادیت جي حق جي نظريي جي مطابق هئڻ گهرجي. ڪنهن اهڙو پيشگي شرط پڻ قبول ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيڪو ان جي قومي ۽ نظرياتي ذميدارين کي پوري ڪرڻ کان ڪنهن به صورت ۾ سندس عمل جي آزاديءَ کي محدود ڪندو هجي.

فوجي ساز وسامان جي فراهميءَ بابت بنيادي آمريڪي رويي کان هٿائڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. پوءِ به اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته انهن مان ڪي، ڪهڙيءَ حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. پاڪستان جي نقطهٔ نظر کان مغربي يورپ ۾ فرانس سڀني کان اهم ملڪ آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته فرانس آمريڪا جي حاليہ فيصلن کان اثر قبول ڪيو هجي. اسان انهيءَ ملڪ سان جيترو جلد مفاهمت پيدا ڪري وٺون، اوترو ئي پنهي لاءِ بهتر ٿيندو.

ٿي وڃڻ، نہ فقط ڪرايہ ۽ ويمي جي نرخن ۾ اضافي جو سبب بڻبو، بلڪ صنعتي، تجارتي مال ۽ غذائي جنسن جي فراهميءَ ۾ دير بہ ٿيندي ۽ اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي ضرورت جي شين جي قيمتن کي متاثر ڪندي. هيءَ ڳالهہ شڪ واري آهي تہ موجوده زرعي پيداوار، پنجويهہ لک ٽنن جي کوٽ کي پُورو ڪرڻ جي قابل ٿيندي يا ڪين. خوراڪ جي جنسن لاءِ مطالبن جي جواب ۾ آمريڪا جي رويي مان ان جي اندازِ فڪر جو ڪجهہ پتو پوندو.

ڪي واضح ڪري ڇڏي ۽ عوام ڪي مناسب حفاظتي تدبيرون مهيا ڪيون وڃن، ته ڏوهن جو تناسب گهٽجي ويندو. بي گناهه ماڻهن جو به بچاءُ ٿيندو، ۽ ملڪي سرحدن جي هڪ هڪ انچ زمين جو پڻ. ان هوندي به هٿيارن جي تقسيم سوچ ويچار سان ٿيڻ گهرجي، ۽ منظم مليشيا کي چند جاين تي رکڻ بدران سڄي ملڪ ۾ ڦهلائڻو پوندو. مليشيا جي هرهڪ ماڻهوءَ جو نالو معلوم هوندو ۽ ڏوهن جي عادي ماڻهن کي ڀرتي نه ڪيو ويندو. حقيقت هيءَ آهي ته آتشين اسلحه جي استعمال جي مشق ۽ دوبدو لڙائيءَ جي طريقن جي تربيت پاڪستان جي عوام کي انهن بي راهه قسم جي ماڻهن کان، جن جي زد ۾ هن وقت وچولي درجي جا ماڻهو به آهن، حفاظت ڪندي. هڪ چڱي نموني سان منظم ۽ سٺي قيادت هيٺ مليشيا جي تشڪيل ماڻهن ۾ شهري ذميدارين جو احساس پيدا ڪري نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ ۾ مددگار پڻ ٿي سگهي ٿي.

ڪرڻ ۽ عوامي جمهوريه چين سان مختلف رويو اختيار ڪري آمريڪا سان ناهم ڪرڻو پوندو. ان جي معاوضي ۾ هو آمريڪا جي فوجي ۽ اقتصادي امداد ۾ اضافي جو حقدار بڻجي پوندو ۽ خوراڪ جو مسئلو اسان کي وڌيڪ پريشان نہ ڪندو. بهرحال، اهڙن شرطن جي منظوريءَ جو نتيجو، اهم تر قومي مفادن تان دستبرداريءَ جي صورت ۾ رونما ٿيندو. ان کان علاوه، چين جي مستقل دشمني پڻ خريد ڪرڻي پوندي. پاڪستان کي ڪنهن بہ فائدي ملڻ کان سواءِ ننديو ويندو، ناڪاميءَ جو احساس وڌي ويندو ۽ اسين گهيري ۾ اچي ويندا سون. ان سان هندستان کي، جيڪو مشترڪه اقتصادي مهمن يا ٻين رعايتن جو محض هن ڪري طلبگار آهي تہ پاڪستان ان جو مڪمل طور تابعدار ٿي وڃي، وڌيڪ اڳرائيءَ جو حوصلو ملي ويندو. جيڪڏهن افغانستان سان تعلقات بهتر نہ ٿيا تہ ان مان انهيءَ ملڪ لاءِ پڻ ڪجهہ رستا کلي ويندا. هندستان طرفان جارحيت ۽ افغانستان طرفان گڙٻڙ جي صورت ۾ آمريڪا پاڪستان جي مدد نہ ڪندي، ڇاڪاڻ تہ ٻيئي غير ڪميونسٽ ملڪ آهن. 1965ع واريءَ هندو پاڪستان جنگ انهيءَ معاملي ۾ آمريڪا جي طرز عمل جو ڪافي ثبوت ڏيئي ڇڏيو هو. ان جي ابتڙ، چين يا سوويت يونين سان تصادم جي صورت ۾ آمريڪي امداد پاڪستان کي آخري شڪست کان بچائڻ لاءِ ڪافي نہ ٿيندي.

خيال جي هر زاويي کان واحد صحيح رستو اهوئي آهي تہ انهن ٽن عالمي طاقتن سان درست تعلقات قائم ڪيا وڃن ۽ دنيا جي انهن باقي سيني طاقتن سان، جن سان اسان جا مفاد مشترڪه آهن، تعلقات وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ٽي سال ٿيا تہ مون پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ چيو هو تہ آمريڪا سان اسان جا تعلقات افراط، ۽ چين ۽ سوويت يونين

جيڪڏهن انهيءَ قسم جي ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ته ترجيح لائق اهو رستو ٿيندو ته ٽين دنيا جي ملڪن جي پشت پناهيءَ سان گڏ، جن مان اڪثر اسان جي خود اراديت جي حق جي حمايت ڪن ٿا، ۽ انهن عظيم ۽ نيم عظيم طاقتن جي حمايت سان، جن کي اسان سان همدردي آهي، اجتماعي محاذ آرائي جي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي.

1958ع جي آخري ۽ 1959ع جي شروعاتي حصي ۾ هندستان ۽ پاڪستان کي دفاع جي معاملي ۾ تعاون تي آماده ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويئون. انهيءَ تجويز جي ناڪاميءَ جو هڪ سبب اهو هو ته آمريڪا جي طرفان انهيءَ مقصد لاءِ اُن کان اڳ جيڪو ميدان هموار ڪيو ويو هو، سو ناڪافي هو. گذريل تجربي جي روشنيءَ ۾ هاڻي محتاط ڪوششون ڪيون پيئون وڃن. رهنمائن ۽ صحافين جي باهمي دورن ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان سفر جي شرطن ۾ نرمي جي متعلق ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن. ان سان گڏئي مشترڪه منصوبن جي ضرورت ۽ هٿياربند فوجن ۾ ڪميءَ جي معاملن تي زور ڏنو پيو وڃي. خيال هيءُ آهي ته موجوده حالتن کي برقرار رکيو وڃي ۽ کنهن ڏينهن هڪ باهمي ٺاهه يا ننڍن ننڍن باهمي معاهدن جي ذريعي ان تي مهر هڻي نيٺ مسئلي کي حل ڪيو وڃي.

ڪان سختيءَ سان انڪار ڪيائون. انهيءَ زماني ۾ عظيم ٻڌ پيدا ٿيو، جيڪو ”سٿيمن“ نسل جو هڪ شهزادو هو. مهاتما ٻڌ اعلان ڪيو ته ”سڀ انسان برابر آهن ۽ نجات جو دروازو سڀني لاءِ هڪجهڙو کليل آهي.“ اها ڳالهه برهمڻن کي سخت ناگوار گذري. ٻڌ ڌرم کي بعد ۾ انهيءَ تعليم جي ڏاڍي ڳري قيمت هندستان کان جلاوطنيءَ جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پئي. جين مذهب، جيڪو ٻڌ ڌرم جي اثر و رسوخ جي زوال سان گڏ نمودار ٿيو، تنهن جو پڻ برهمڻن جي هٿان لڳ ڀڳ ساڳيو انجام ٿيو.

هندستان جي تاريخ جو سرسري مطالعو ظاهر ڪري ٿو ته هندو ڌرم ٻاهرين عناصر جي دخل اندازين کي ڪهڙي طريقي سان منهن ڏنو آهي. ننڍن مداخلت ڪارن جي اثر کي پاڻ ۾ سمائڻ ذريعي ٺيڪ ڪيو ويو آهي، فاتحن کي غلامانه خوشامد سان ٻرغلايو ويو ۽ جيڪي فاتح هندستان ۾ رهجي ويا، سي جيڪڏهن جذب ٿيڻ کان بچيا، ته فقط پنهنجي جداگانه حيثيت کي برقرار رکڻ جي سخت ڪوشش جي بدولت.

هندستان جو اهو متڪبرانه نظام مسلمانن جي فتوحات هٿان ٽٽو. هندن کي اهو ڌڪ برداشت ڪرڻو پيو، پر ”ڌرم“ جي نالي ۾ مقابلو مسلسل جاري رهندو آيو. هندستاني نظام انهيءَ حقيقت کي محسوس ڪرڻ ۾ دير ڪانه ڪئي ته ٻين حملہ آورن جي ابتڙ، مسلمان تهذيب کان بيگانا ماڻهو ڪنهن جو انهن کي آسانيءَ سان پنهنجي اندر جذب ڪيو وڃي. هو هندستان جي مقامي تمدن جي نظام ۾ شموليت کي پنهنجي لاءِ عزت افزائي نه سمجهي رهيا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هندن ۽ مسلمانن ۾ افسوسناڪ محاذ آرائيءَ جو آغاز ٿيو. مسلمانن جي تسلط واري سڄي ساري عرصي ۾ هندن پنهنجي نسل ۽ تمدن تي انتهائي فخر جو اظهار جاري رکيو، جيڪو رفته رفته اجنبين کان نفرت جي شديد مريضانه ذهنيت جي

هندستان جو آزاديءَ واري وقت کان وٺي پاڪستان ڏانهن رويو سڀني کي معلوم آهي. جهوناڳڙهه، ڪشمير ۽ حيدرآباد تي قبضي جا واقعا ايترا ته تازا آهن، جو انهن کي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. هندستان کي هن ڳالهه ۾ ڪڏهن به ڪو تضاد نظر ڪونه آيو ته هو جهوناڳڙهه ۽ حيدرآباد تي ته هن سبب ڪري دعويدار آهي، جو انهن ۾ غالب اڪثريت هندن جي آهي، پر انهيءَ اصول کي هو جمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ رد ڪري ٿو، جتان جي آباديءَ جي وڏي اڪثريت مسلمان آهي. ان جي بجاءِ هندستاني رهنمائن لاديني رياست ۽ جمهوريت ۽ يرغمال جي اصول جي تصورن کي غلط انداز ۾ استعمال ڪيو، ته جيئن جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي سندن ناقابلِ تنسيخ حقن کان محروم ڪري سگهجي.

انهن تاريخي ۽ نفسياتي اسبابن جي روشنيءَ ۾، جيڪي پاڪستان متعلق هندستاني نظرين کي متعين ڪن ٿا، هيءَ ڳالهه ظاهر آهي ته هندستاني ليڊر پاڪستان کي هن ڪري گوارا ڪرڻ تي آماده ٿيا، جو انهن ۾ ان کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي قوت ڪانه هئي. جيڪڏهن هو اهڙي طاقت گڏ ڪري سگهيا، جيئن اهي پنهنجي فوج وڌائڻ جي شڪل ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن، ته اهي تقسيم کي ختم ڪري ڇڏيندا، ۽ پاڪستان کي وري پنهنجن خوابن واري هندستان ۾ ضم ڪري ڇڏيندا. هنن پاڪستان کي پنهنجو مکيه دشمن قرار ڏنو آهي. نهروءَ ۽ هن جي جانشينن جي تحت، هندستان جي سياستگريءَ جو سچو مقصد اهو رهيو آهي ته اسان جي ملڪ کي الڳ ٿلڳ ڪرائين، ته جيئن ان وقت جڏهن هندستان ڪافي طاقت پيدا ڪري وٺي ته هو جيتريءَ به خاموشيءَ ۽ تيزيءَ سان ممڪن ٿئي، اسان تي قابو حاصل ڪري پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏي.

ڪشيدگيون ۽ نظم و نسق لاءِ نوان مسئلا پيدا ٿيا آهن.
6- سيپٽمبر 1965ع تي جيڪا جنگ، بين الاقوامي سرحدن کي لتاڙي لاهور تي مسلط ڪئي ويئي، سا هندستان ۽ پاڪستان جي تعلقات جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ تاريخ تي هندستان نيٺ انهيءَ حد کي اورانگهي ڇڏيو، جتان کان واپسي محال هوندي آهي.

تمام طويل وقت کان وٺي ڀارت جا پرچارڪ هيءَ دعويٰ ڪندا رهيا آهن ته ڀارت جي ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي قيادت کي هندوڪش جبلن کان وٺي ميڪانگ نديءَ تائين عمل پيرا ٿيڻ گهرجي. هندستان جي سڄي تاريخ ۾ هندو سياسي مفڪرن انهيءَ موضوع کي ايتري تفصيل سان ۽ ايتريقدر لڳاتار پيش ڪيو آهي، جو اهو بذات خود انهيءَ روايت جو هڪ حصو بنجي پيو آهي، جيڪا جديد هندستان کي ورثي ۾ ملي آهي. اٽڪل هڪ هزار سال ٿيڻ وارا آهن، جو هندستان انهيءَ لائق هو ته انهيءَ شاندار منزل طرف قدم وڌائي سگهي، پر انهيءَ ڳالهه کان هندن جي غير متزلزل مطمع نظر جي نه شدت گهٽ ٿي آهي ۽ نه ان جي وسعت ۾ ڪا ڪمي آئي آهي. انهيءَ مقصد طرف پهريون قدم هيءَ آهي ته پاڪستان کي بي اثر بڻايو وڃي، پر "اکنڊ ڀارت" جو نيم- مذهبي نظريو نيٺ به پاڪستان جي خاتمي جو متقاضي آهي.

## باب اوڻيهون

## هندستان سان مقابلو

هندستان جي خارج پاليسيءَ جو سڀني کان وڏو مقصد اهو رهيو آهي ته پاڪستان کي الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏجي. ابتدائي ڏينهن ۾ هن ڳالهه جي پيش نظر ته پاڪستان جا وچ اوڀر سان رشتا آهن، هندستان پاڪستان جي خلاف عرب دنيا ۾ پنهنجون سفارتي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. جڏهن اسان پنهنجي بچاءَ ۾ آمريڪا جي طرف رخ ڪيو، تڏهن هندستان انهيءَ ملڪ سان اسان جي باهمي دفاع جي انتظامن جي مذمت ڪئي.

سينٽو سان روس جي وير جو فائدو وٺي هندستان سوويت يونين سان سياسي، اقتصادي ۽ فوجي معاملن ۾ تعاون جي هڪ جامع رٿا تي عمل شروع ڪيو، ته جيئن پهريائين مغربي ملڪن سان پاڪستان جي اتحاد جو ٽوڙ ڪيو وڃي ۽ پوءِ پاڪستان ۽ سوويت يونين جي تعلقات جي راه ۾ وڌيڪ دشواريون حائل ڪيون وڃن. هندستان جو ابتدائي مقصد اهو هو ته ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ عاليشان منصوبن کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ پاڪستان کي عوامي جمهوريه چين کان بلڪل علحده ڪيو وڃي. اقوام متحده جي قسم جي بين الاقوامي تنظيمن ۾ هندستان ضرورت کان زياده زور ڏيکاريندو رهيو ۽ ايشيائي دنيا کي اهو باور ڪرائيندو رهيو ته پاڪستان مغربي دنيا جو حاشيه بردار آهي ۽ انهيءَ حيثيت کان هو افرو ايشيائي معاملن ۾ ڪوبه اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ناهي. شايد هندستان انهيءَ مقصد جي پيرويءَ ۾ جيڪو حد کان وڌيڪ جوش و خروش ڏيکاريو، تنهن کان بين الاقوامي

جون ڪوششون ڪيون پيئون وڃن، جو اوڀر پاڪستان کي اولهه بينگال جو محتاج بنائي ڇڏيندو. انهيءَ قسم جو حل پاڪستان کي اولهه بينگال جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏيندو، جنهن مان اثر ۾ تباهڪن نتيجا نڪرندا. انهيءَ مثال جي مطابق وري بجليءَ جا منصوبا باهمي اشتراڪ ڪرڻ لاءِ سامهون ايندا، جيڪي اڳتي هلي زراعت ۾ صنعت ۾ تعاون تائين وڃي پهچندا. هٿيار بند فوجن ۾ ڪميءَ جي تجويز تي هن کان اڳي خيال جو اظهار ٿي چڪو آهي، پر ان صورت ۾ به انهن سڀني خامين کان قطع نظر، جن تي بحث ٿي چڪو آهي، هندستان انهيءَ قسم جي معاهدي ۾ هميشه چين جي خطري تي مبالغه آرائيءَ جي ذريعي آمريڪا جي ملت سان معاهدي کان ڪترائي پنهنجو ڪم ڪڍي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو ڪم مشڪل ٿي پيو ته ڪوشش ڪئي ويندي ته هندستان کي طفيلي ملڪن کان هٿيار فراهم ڪرايا وڃن ته جيئن معاهدو ان سان لاڳو نه ٿي سگهي.



# نالي ماتر آزادي

## ڪشمير جو مسئلو

## پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي ڀٽو

سنڌي ادبي بورڊ

# پڙهندڙ نسُل . پَ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)